اديبي ستارا

سنڌي ساهتيه سڀا، اجمير

ادبي ستارا

[ساهتيڪ رچنائن جو مجموعو]

سنڌي ساهتيه سڀا اجمير جي انوکي ڀيٽ

سال ۱۹۷۳]　　　[قيمت ۳ رو



ادبي سيڪريٽري

سنڌي ساهتيه سڀا
اجمير، شري وليچا ادبي
سيڪريٽريءَ جي تهدل
شڪرگذار آهي جنهن پنهن
جي محنت ۽ سرجوشيءَ
سان پنهنجو قيمتي وقت
ڏئي هي ادبي-گٽڪو
اوهان جي هٿن ۾ آندو
آهي. سنڌي ساهتيه جي
ڏس ۾ سڀا جي هيءَ پهرين
پيشڪش، ڪيتري قدر
سقل قدم آهي، تنهن جا
منصف، پڙهندڙ پاڻ ئي
ٿيندا.

جهمٽمل ٽلواڻي
پريزيڊنٽ
سنڌي ساهتيه سڀا، اجمير.

ه اکر

جنهن ڪتاب جي شايع ٿيڻ جي آشا ۾ پريا ٻه سال گذريا
ا اڄ پوري ٿي. ’ادبي ستارا‘ اڄ اوهانجي هٿن ۾ آهي. ڪتاب
هرهڪ اديب جي رچنا اڳيان ڏنل سمپادڪي ٽِڪا هڪ
اهتيڪ نظريو آهي. ڇپائيءَ جي سلسلي تائين ٻه رچنائون پي
ون پر ڪي دير سبب رهجي ويون. ڪي رچنائون ڪن
ڻ - ٿر سببن ڪري هن مجموعي ۾ استان پائي نه سگهيون جنهن
معافي طلب آهيون. ڪور پيج جي بلاڪن جي ڊزائين بنائڻ
شري قيمتراءِ ’ڪاتب‘ جا شڪرگذار آهيون.

جن اديبن جي سرجوشيءَ سان سنڌي ساهتيه سڀا کي جنم
و تن سنڌي اَدب سان وڏو وڙ ڪيو. اجمير جي اَدبي
ڙيءَ ۾ جي مڪڙيون شبنم جي ڇهاءَ لاءِ ترسيل هيون سي
گل ٿيا جن پنهنجي سرهاڻ سان اَدبي فضا کي معطر ڪيو
ڇن ۾ رنگ ڀريو. ٿوريءَ عرصي ۾ ساهتيڪارن جو هڪ
خاصو مجموعو تيار ٿي ويو ۽ هر آرتوار تي پروگرام ٿيڻ
. ٻاهران ايندڙ اَديبن ۽ ڪلاڪارن جي سنمان ۾ پروگرام
سڀا جو شان ٻي رهيو آهي، جهڙوڪ دهليءَ مان شري
ڻ ’شيام‘ کي ساهتيه اڪيڊميءَ طرفان انعام ملڻ جي
اَفزائيءَ ۾، دهليءَ مان سنڌو ڪلا سنگم پارٽي، بمبئيءَ
شري ڪيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ شري آتم، جيپور
سهٽيءَ‘ جا ڪارپرداز اَديب ۽ ڪلاڪار، آل انڊيا ريڊيو
طرفان شري موهن مهرچنداڻي وغيره جن اسانجي اَدبي

مجموعو سھڻگاريندڙ

شري هري همٿاڻي هڪ سنجيدگو
ڪهاڻي - ڪار اديب آهي. سندس ڇهري
ٽي نرمل سادگيءَ جو نرماڻ به هڪ انوکي
ادا آهي. مگر اهڙي قسم جي ادا جو ٻيو
نالو آهي ساهتيہ جي جهلڪ. ڏسڻ سان ٿي
ساهتيڪار جي شخصيت غالب پئجيو وڃي.
وارتالاپ لاءِ ٻري رهيو. انسان جي نازڪ
جذبات کي ڇيڙڻ جو ته استاد آهي. نائڪ
جي دل جي پريشانيءَ آنند مانڊ، جڻ ته
پڙهندڙن جي شخصي الجهن جو هو بهو عڪس
بڻجيو پوي. پيشڪش جي شروعات ٿي
پيشڪش جو انت ٻڌائي اوهانجي پئدا ٿيل
شوق کي ڪيئن نه ترقائي پنهنجي فنڪاريءَ
جو ثبوت ڏنو اٿس. ته پيش آهي توهانجي
اڳيان سندس لاثاني ڪهاڻي **عجب الجهن**.

سرگرمين کي اڳرو داد ڏيئي اسانجي حوصلي افزائي ڪئي آهي. اوهانکي پڙهي ناز ٿيندو ته هن وقت اسانجي سڀا جا قريبن ڏهن ميمبر آل انڊيا ريڊيو جيپور جا ڪلاڪار آهن. مشاعرا ڪرڻ، تنقيدي ميٽنگ ڪوٺائڻ، ساهتيڪ وشيه تي پيپر پڙهڻ، شاعرن، ليکڪن ۽ ديش ڀڳتن جا ڏينهن ملهائڻ، ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مضمون پيش ڪرڻ، ساز سنگيت جا رنگارنگ پروگرام، صوفي سماگم ۽ پڪنڪ جا پربنڌ ڪرڻ سڀا جون مکيه مشغوليون ٿي رهيون آهن. سڀا جي آديش پنهنجي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه کي زور وٺائڻ لاءِ هر ممڪن اپاءَ ورتا ويندا آهن. سڀا جي پهرئين سال جا پريزيڊنٽ شري نارائڻداس ميراڻي هئا، جنهجي لکپڙهه ۽ جنرل سيڪريٽري شري ڀڳوان ٽلواڻيءَ ۽ شري جهمٽ مل ٽلواڻيءَ جي لڳاتار ڪوشش سان گورنمينٽ ڪاليج اجمير ۾ 'سنڌي وشيه' منظور ٿيو. ٻئي سال پرڌانپٽي جي ڪرسي شري جهمٽ مل ٽلواڻيءَ سينگاري، جن سنڌي وشيه سان 'آدرش ڊگري ڪاليج' کولي هڪ مثال قائم ڪيو.

پڇاڙيءَ ۾ شڪرگذار آهيون جنرل سيڪريٽري شري ڀڳوان ٽلواڻيءَ، ڪلچرل سيڪريٽري شري ڏولڻ 'راهي' ۽ سمورن ساٿين جا، جن سڀا جي هر ڪاريه پربنڌ کي سڦل بنائڻ ۾ جانفشاني ٿي ڪئي آهي. اميد اٿئون ته اوهانجي شڀ ڀاونائن سان هيءَ سڀا اڳتي هلي اکل ڀارت سطح تي اڳرو استان والاريندي.

ادبي سيڪريٽري

اِهو تہ مون بہ ٿي ڄاتو تہ ڌنڌي ۾ سوين جهنجهٽ آهن ۽ خاص ڪري مون محتاج لاءِ تہ ٿهائين مصيبت. پر مان ڪيس ڪيئن ٻڌايان تہ تو وقت گريجوئيٽ لاءِ جڳهہ خالي آهي ۽ مان مئٽرڪ بہ ڪونہ آهيان.

منهنجي اڳيان اُهي ڏينهن تري آيا جڏهن مان مئٽرڪ پڙهندو هوس. ڪلاس ۾ هميشه فرسٽ ايندو هوس. ۽ مان هاءِ اسٽڊيز لاءِ فارين وڃڻ جا سپنا پيو لهندو هوس. پر قدرت کي ڪجهہ ڪو ٻيو منظور هو. هڪ ڏينهن لاءِ لانڍيءَ واريءَ پٽ تان ڊوڙندي پير ترڪي ويو. ڌڙام وڃي پٽ تي ڪريس ۽ گوڏي جي ڍڪڻيءَ واري هڏي ٽٽي پيئي. ڪافي عرصي تائين زير علاج رهڻ ڪانپوءِ بہ منڊڪائي هلڻ جي وڏ آخر رهجي وئي. اسڪول جي اڙٻنگ ڇوڪرن جي شرارتن ۽ چٿرن جو گويا مرڪز بڻجي پيس. نيٺ هڪ ڏينهن تنگ ٿي اسڪول کي الوداع ڪري زمينن جو ڪم وڃي سنڀاليم. اها تہ ڪل ڪانہ هئي تہ ڪو هينءَ پنهنجون زمينون، پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي، لاوارث بڻجي ڀٽڪڻو پوندو. شڪلا وٽان ٿي موٽڻ کان پوءِ نوڪري منهنجي دماغ ۾ گهر ڪري وئي هئي. پر اُن لاءِ مئٽرڪ پاس ڪرڻ ضروري هئي ۽ تن ڏينهن اجمير ايجوڪيشن بورڊ طرفان، پرائيويٽ ڪئنڊيڊيٽ لاءِ امتحان ڏيڻ جو دروازو کليل هو. سو سوچيم اجمير وڃي فارم ڀري اچان ۽ ڪتاب بہ خريد ڪري اچان. ان سوچ ويچار کي عملي جامو پهرائي

عجيب الجهڻ

انگريزيءَ ۾ فصيح زبان هئڻ ڪري هر ڪو اِئين سمجهندو هو ته مان گريجوئيٽ آهيان ۽ مان پاڻ کي ڪنهن گريجوئيٽ کان گهٽ ڪين سمجهندو هوس. هڪ ڏينهن پاڙيسري دوست مسٽر شڪلا مونکي چيو، ”مسٽر ميراڻي! منهنجي دفتر ۾ گريجوئيٽ لاءِ جڳهه خالي ٿي آهي جو ڪين اُن لاءِ تون اپلاءِ ڪرين، اپائنٽنگ اٿارٽي مان ئي آهيان.“

اُن وقت مونکي اِئين محسوس ٿيو ته ڄڻ مان آسمان جي اوچائيءَ تان پانوائيون کائيندو هيٺ ڌرتيءَ ڏي ڪري رهيو آهيان. يڪدم ئي پاڻ سنڀالي ڇهري کي سرهو بڻائيندي چيم، ”سڄي عمر زميداري ڪرڻ کانسواءِ هيٺر نوڪري ڪنهن کان پڄندي؟ مان ته ڪمري جي ڪوني ڪيڏڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان.“

جنهن تي هن هڪ ٽهڪ ڏيئي کلندي چيو، ”پاڻي تنهنجي مرضي، مان ته توکي اُن چوراسي ڌنڌي ۾ ڦاسڻ لاءِ صلاح ڪين ڏيندس. سوين جهنجهٽ آهن. جيڪو آرام نوڪريءَ ۾ آهي سو ڌنڌي ۾ ڪٿي؟“

هئي مانء، ۽ هاڻ مان ٿو چوانء ته تون پاڻ ٿي وڃين. هن کان پوء مونکي کنهن به ڳالهه لاء ڏوهه نه ڏجانء."

ائي هن ڏنو ته سندس هٿن مان جڻ بازي وڃي رهي آهي سو جهٽ چئي ڏنائين، "نه نه مان ڪڏهن تي انڪار ڪريان. مونکي اڄ موڪليو ته مان اڄ ئي وڃان پر مونکي ته وشواس ئي نٿو اچي."

مون چيو "چڱو مان هينئر وڃي تنهنجي رزرويشن ڪرائي ٿو اچان. توکي ٽڪيٽ هٿ ۾ ملندي پوء تـه وشواس ايندء." ۽ مون ائين ئي ڪيو. اُن ڏينهن منهنجي زال جون اصل ڏندڻ آڱريون لڳي ويئون. حياتيءَ ۾ هوء پهريون ئي دفعو منهنجي سڀاءَ ۾ اهڙي تبديلي ڏسي رهي هئي.

هينئر مان بي اونو بڻجي پڙهڻ لڳس. امتحان ۾ باقي ڪي ڏينهن هئا ته مان اجمير آيس. اُلي جيئوٽيڪ منهنجي سڳي ڀيڻ رهندي هئي پر مان هن کي به منهن نه ڏيکاري، الڳ مسواڙ تي ڪمرو ڪري رهڻ لڳس. سڄو وقت ڪمري ۾ ويٺو پڙهندو هوس. خيال ڪري ڇڏيو هوم ته امتحان پوري ٿيڻ کانپوء ئي مٽن مائٽن سان ملاقي ٿيندس. گيس پيپر خريد ڪرڻ جي خيال کان وقتي ٻزار وڃڻو پوندو هو سو به منهن اونداهيءَ کانپوء ئي ويندو هوس. هر وقت ڪنهن مٽ مائٽ يا واقفڪار جي گڏجي وڃڻ جو ڊپ رهندو هوم. ان ڪري ڪن ٻُوسائي ويندو هوس ۽ ڪن ٻوسائي موٽي

اجمعو اچي مئٽرڪ جو فارم ڀري ۽ ڪتاب خريد ڪري واپس دهليءَ موٽي آيس. هاڻي مون لاءِ مشڪل جي ڳالهه رهجي اها هئي ته مان پنهنجيءَ زال جي سامهون پڙهي نه پئي سگهيس. مون نٿي چاهيو ته هن کي ان ڳالهه جي ڪا سڌ به پوي، نه ته هوءَ اجايو مخول اڏائي پئي چوندي، 'پيءُ مئٽرڪ جو امتحان ڏئي رهيو آهي ۽ هنجو پٽ ٽئين ڪاليج ۾ پڙهي رهيو آهي.' ۽ خدا نه خواسته جي فيل ٿي پيس ته پوءِ هوءَ الائي ڇا ڇا چوندي! پر هيئنر سندس حاضريءَ ۾ مان پاڻ کي لڪائي به ڪيترو لڪايان! مون لاءِ هوءَ جڻ هڪ مسئلو بڻجي پئي هئي. دماغ پچي ڪندي نيٺ ان فيصلي تي پهتس ته کيس پيڪي اماڻي ڇڏيان. ان سڀياس پوڳڻ کانسواءِ مونکي ته ٻيو ڪو چارو ڪونه ٿي سجهيو. چيو مانس، "ڀاڳ ڀري منهنجي مرضي آهي ته تون ڪجهه ڏينهن ماءُ وٽان گهمي ڦري اچ."

هوءَ حيرت وچان مونڏانهن نهارڻ لڳي ته اڄ ڪٿان سج اڀريو آهي جو مان پاڻهي کيس پيڪن ۾ وڃڻ لاءِ چئي رهيو آهيان. ڪن ترسي مون وري چيو، "سچ ٿو چوانءِ، ڪوڙ نه سمجهجانءِ."

هن مرڪي چيو، "ڇا مان اوهانجي سڀاءَ کان واقف ڪونه آهيان جو سچ سمجهي وٺي رهنديس؟"

"سچ نه سمجهين ته توهنجي مرضي. اڳيئن دفعي تو وڃڻ جي اجا ڏنڪاري هئي ته مون موڪل ڪونه ڏني

اٿس. ڪِجهه جون اکيون اٿس!

منهنجي پڇَڻ تي ڀاڻس ڀرسان ويٺل هن ٻڌايو، ”ماما اوهان اڄ تائين هت آهيو!“

”اڙي نه ڀائي اڄ شام واري بس ۾ جوڌپور کان هت واپس آيو آهيان. توکي نه ٻڌايو اٿم منهنجي دوست جي ڌيءَ جي مڱڻي جو ڪم آهي اُهو لهي وڃي ته پوءِ اوهان وٽ اچي نڪندس. اڃا نه ڪجهه ڏينهن هت آهيان. سڀاڻي پيڙهه وٽ ضرور ايندس.“

آخر امتحان جو ڏينهن به اچي ويو. اُن جي اڳئين ڏينهن شام جو مان سينٽر ۾ وڃي پنهنجو رول نمبر ڏسي آيس. مون ڀڳوان جا لک لک شڪرانا مڃيا جو سينٽر منهنجي رهائش واري جاءِ کان صرف پنجن منٽن جي پنڌ تي هو.

اُن رات، صبح جو ڇهين بجي لي الارم جي گهنٽي ناهي مان سولائي سمهي پيو هوس. ڇهين کان ڇهين بجي تائين پڙهڻ کانپوءِ ڏوال ڪٽي سنان جاءِ ڏانهن ويس. اُتي اڳيئي مڪان مالڪڻ ڪپڙا ڌوئي رهي هئي. هوءَ اک کان ڪاڻي هئي. مون دل ۾ چيو، ڀڳوان خبر ڪجاڻ لاڪي جي مهل ڪنهنجو تو درشن ڪرائين! ڪيس سنان جاءِ خالي ڪرڻ لاءِ چئي، مان ٻئي ڏينهن ورانڊي جي ونگ وٽ بيهي رهيس. ٿڌي ٿڌي هير جي ڇهاءَ ۾ منهنجو من مستيءَ وچان جهومي رهيو هو. آسمان ۾ بادلن ڏانهن نهاريندي مان الائي ڪهڙن ويچارن ۾

ايندو هوس، ان هوندي به ڪنهنجو به ڪنهنجو آواز ڪَنن ۾ ٽهڪي ٿي ايندو هو ۽ اهو آواز هوندو هو منهنجي پاڻيجي جو. ٻهراين دفعي جڏهن هوءَ ٽڪ سامهون گذري ويو ته دادي عجب مان پڇيائين، ”ماما، اوهان ڪڏهن آيا؟“

ان وقت منهنجي منهن الائي ڪيترا رنگ ڇڏيا، جي ٿو سگهان. ”اجا هاڻ ٿي آيو آهيان“ مون جواب ڏنو.

سونڪي هنين حالتي ڏسي هن پڇيو، ”اوهان جو سامان ...؟“

اهو ته مون دوست جي گهر ئي رکيو آهي. هوءَ ئي سونڪي منهنجي سٺجي ڪم سانڪي ولي آيو آهي. جيسائين اهو ڪم ٿو لهي ليستائين ته سونڪي هن سان ئي گڏ رهڻو پوندو.

هن دادي عجب وچان چيو، ”نه ماما، اها ڳالهه نه ٿيندي.“

ان وقت لـ مون ڪيس ڪنهن طرح رهڻي رهي روانو ڪيو تنهن ڪانپوءِ ورتي ڪي ڏينهن بنزار ڪين ونس ۽ جنهن ڏينهن وٺس لـ ان ڏينهن ڪافي ٻري ڪان، ”ماما، او ماما“ اهي اکر هوا ڪي چيريندا منهنجي ڪنن سان اچي ٽڪريا. مون مُڙي نهاريو ته منهنجو پاڻيجو ڊوڙندو مون طرف اچي رهيو هو ۽ مان عجب ڪائي رهيو هوس ته ڪيڏو ٻري ڪيان مونتي نظر پيئي

سولي ڪجاڻ.

سيٽنٽر ۾ پهتس ته آلي ٻنهه چپ چپات لڳي پيئي هئي. ٽر ڪري سڌو ان ڪمري ڏانهن رخ رکيم جنهن ۾ مان پنهنجو رول نمبر ڏسي آيو هوس. دروازي وٽ پهچي سهڪندي چيم، "مي آءِ ڪم ان سر؟"

انسٽرڪٽر پنهنجيءَ واچ ڏانهن نهاريو. منهنجي آس جو ديپڪ ڦڙ ڦڙائڻ لڳو. هن جي "ها" ۽ "نه" ۾ ئي منهنجي زندگيءَ جو سار سمايل هو. واچ ڏانهن نهاري هن پوءِ مون ڏانهن نهاريو. هوُ ڪجهه چوي ئي چوي ليڪن منهنجي دل جي حالت اهڙي هئي ته اجها ٽپو ڏئي ٻاهر نڪري ٿي اچي. ڪن دير هوُ شانت رهيو، شايد لڄ لاءِ ته "ها" چوي يا "نه" چوي، ڇو ته ٽائيم اوور ٿي چڪو هو. پر پوءِ شايد منهنجي عمر تي يا منهنجي بيڪسيءَ تي رحم کائي هن چيو، "Yes" بس منهنجي جان ۾ جان آئي ۽ سڌو پنهنجيءَ سيٽ تي وڃي ويٺس. کيسي مان رومال ڪڍي پگهر اُگهڻ وارو ئي هوس جو اهو آواز ڪنن سان اچي ٽڪرايو، "ماما اوهان هت!"

مان سسي ويس. ڏٺم ته ٻنهه پرواريءَ سيٽ تان منهنجو ڀاڻيجو موڏانهن نهاري مشڪي رهيو هو. دل ۾ چيم، "ماما" اڪر هت به منهنجو پيڇو ڪونه ڇڏيو.

انسٽرڪٽر منهنجيءَ ٽيبل تي سوالي ۽ جوابي پيپر رکي ويو پر منهنجا ته جڻ اوسان ئي خطا ٿي ويا هئا.

لنڊڻ هوس جو اُن وقت مڪان مالڪ جو پٽ ڪيلاش
اُتان اچي لنگهيو ۽ مونکي هن حال ۾ اُلي پلنگ تي ڏسي
ڏاڍي عجب مان چيائين، "ڇو ڪاڪا اڄ امتحان ڏيڻو
ڪونه اٿو ڇا؟ سڀني ۾ باقي رڳو ڏهه منٽ اٿو." اهو
ٻڌي منهنجون واڇون ٻتال ٿي ويون. مان سڌو ڪمري
طرف ڀڳس. ڏٺم ته گهڙيال ۾ اڃا اٺ وڄي رهيا
هئا. ڪيلاش دل ۾ چيم، "اڙي گهڙيال! تو ڪي به مونسان
اڄ ئي ڪو ويڙ ڀاڙو هو." بس پوءِ ته ڪمري ۾
منهنجو ڀڄ ڀڄ ڊانس شروع ٿي ويو. جهٽ ڪپڙا
بدلائي، رول نمبر کڻي، ڪمري کي تالو لڳائي سينٽر
طرف جنسي ڊوڙڻ لڳس. ڏسڪي ڪائنات ڪانپوءِ زندگيءَ
۾ شايد مان اڄ پهريون ئي دفعو ڊوڙي رهيو هوس
ايترو تيز ٿي ڊوڙي سڀ ويو هوندس ته مونکي ائين
محسوس ٿيو ته مونکي سڀ ڏنڊلو ڏنڊلو نظر اچي رهيو
آهي. آسمان ڏنڊلو، ڌرتي ڏنڊلي. دور ڇائين ڏنڊ
ئي ڏٺم. جان کڻي ڏسان ته اکين تي عينڪ ئي ڪون
هئي. ورتي پوئين پير واپس ڀڳس. هيئنر منهنجي دل
جو ديپڪ ائين کڻي جڳي ته صفا اجهامي ويو هو
هوندي مونکي اميد هئي ته جيڪي ڏهه منٽ گهريس جي
ملندا آهن اُن اندر پهچي ويندس پر هيئنر ته اهي آس
به ويندي رهي. عينڪ پائي مان وري ڊوڙڻ لڳس
سچ پڇ اُن وقت منهنجي حالت ڏاڍي قياس جوڳي بڻجي
ويئي هئي. هر وقت ايشور کي پئي پاڙيم ته تون ڪ

نورجهان قبد ۾

توهان نورجهان (مهرالنسا) ۽ جهانگير بادشاه جي داستانِ عشق بابت پڙهيو هوندو. شهنشاه جهانگير کي پنهنجي دل-نواز محبوب ۽ بيگم سان بلڪل گهڻو پيار هو. جيڪڏهن نورجهان شمع هئي ته جهانگير پروانو هو. جيڪڏهن نورجهان ليليٰ هئي ته جهانگير مجنون هو. جيڪڏهن نورجهان شيرين هئي ته جهانگير فرهاد هو. جيڪڏهن نورجهان چنڊ هئي ته جهانگير چڪور هو. شهنشاه جهانگير پنهنجي زندگيءَ جي اها گهڙي نهايت بدترين ۽ بدنصيب سمجهندو هو، جنهن ۾ نورجهان جو جمال ۽ ڪمال هن جي پيش نظر نه هوندو هو. شهنشاه جهانگير کي نورجهان سان ايتري قدر عشق ۽ جنون پيدا ٿي ويو هو جو رات جو ڪنهن وقت اتفاق سان اک کلي پوندي هئس ته "نورجهان، نورجهان" چئي اٿي ويهي

شري ڪلا ڌداس وزيراڻيءَ جي نثر-نويسيءَ کي پنهنجي رنگت آهي. لکندو ڪڏهن ڪنهن قسمت سانگي، مگر پڙهندڙن جي دلين لاءِ جڳ ڄاپ هٽي ڇڏيندو. اِلهاس جي هردي جسم ۽ جان وڇوڙو نه ڪري هن ڪان سگهي! صديون پراڻيون ڳالهيون سندس قلم دواران اڄڪلهه جو داستان پيو ڀاسي! دستور، عشق پنهنجي جاءِ عالمگير آهي ۽ اِنصاف پنهنجي جاءِ مختيار. مگر جنهن پنهنجي واسطيداريءَ جو ٽڪر آهي اُتي اِنصاف جو نعرو بلند ڪيو اٿس. عشق جي نوڪ لاءِ اِنصاف جي چوٽ ماريءَ هار جيت جو فيصلو ڏنو اٿس. ۽ پيش آهي اوهانجي اڳيان سندس اِلهاسي داستان نورجهان قيد ۾.

”شهنشاهه عاليجاهه! بيگم نورجهان جي آرام گاهه ۾ هڪ
پيرسن عورت نـي مارڪت ٿي رهي آهي.“ شهنشاهه
بي تاب ٿي ويو ۽ تڪڙو تڪڙو مجلس برخواست ڪري
بيـگم نورجهان جـي آرام گاهه ۾ پهتو. شهنشاهه ڏٺو ته
محلات جون چند خاص نوڪرياڻيون هڪ پيرسن عورت
کي ماري رهيون آهـن ۽ هوءَ اِنڪري روئـي رهي
آهي. ”هي ظلم هڪدم بند ڪيو وڃي.“ شهنشاهه جو
غضب ـ ناڪ آواز هـوا ۾ گونجيو. جهانـگير جو دلسوز
آواز ٻڌي ۽ سندس غصي ۾ شڪل ڏسي شاهي محلات
جون نوڪرياڻيون ڏهلجي ويئون ۽ بيگم نورجهان شهنشاهه
جي تعظيم لاءِ با ادب با ملاحضه اُٿي بيٺي، ليڪن شهنشاهه
جهانگير اڪ ڪنڌي ۾ ڏانهس نه نهاريو ۽ مظلوم عورت کان
پڇيو ”پوڙهي! توکي هيءَ سزا ڪهڙي جرم ڪري ملي
رهي آهي؟“ پوڙهـي عورت ڪنبندي عرض ڪيو
”جهان پناهه! جيڪڏهن جان بخش ڪئي وڃي ته مظلوم
پنهنجو داستان درد پيش ڪري.“ ”هائو هائو تنهنجي
جان بخش ڪئي ٿي وڃـي، تون بلڪل بي خوف ٿي
پنهنجو داستان ٻـڌاءِ.“ شهنشاهه پـوڙهيءَ کـي اطمينان
ڏياريو. پوڙهي عورت اکين ۾ آب آڻي چيو، ”جهان
پناهه! مان هڪ شريف خاندان جي بيوه عورت آهيان.
ڇهه سال ٿيندا جو منهنجو مڙس هن دنيا مان راهه رباني
ٿي رمندو رهيو. هو هڪ معمولي مڪتب ۾ معلم هو
عربي فارسي ٻارن کي پڙهائيندو هـو. آمدني اگرچ

رهندو هو. مرزا اسد الله غالب اُردوءَ جي
معروف شاعر عشق کي 'دماغ جو خلل' ڪوٺيو
ليڪن هيءَ ڪيتري قدر نه حيرت انگيز حقيقت
نه هن دماغ خلل شهنشاه جهانگير کي پنهنجي اِنصاف
واٽ تان هڪڙو ٻيو ته پوئتي هٽائي نه سگهيو.

حالانڪ هي دماغ جو خلل عرف 'عشق' ش
جهانگير جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ زبردست
ڇانيل هو. شهنشاه جهانگير هڪ طرف عاشق
هو، نه ٻئي طرف ڪامل عادل هو ۽ سندس
اِنصاف جي جذبات ساري عمر پنهنجي اصلي
حالت ۾ قائم رهي. نورجهان جو ناز ۽ انداز،
۽ صداقت، شهنشاه جهانگير جي عدل جي عمارت
بنياد کي، ڪڏهين به ڪنهن به حالت ۾ ڪمزور
ڪري نه سگهيا.

هڪڙي ڏينهن جو ذڪر آهي ته شهنشاه جه
پنهنجي ديوان عام جي دالان ۾ ويٺو هو ۽ سندس
شاهي خزاني جي ڪاغذات ۽ حساب ڪتاب پيش
رهيو هو. اوچتو هڪ دردناڪ آواز فضا ۾ ڪ
"هاءِ الله! مان مري ويس" آواز نهايت دردناڪ
شهنشاه جهانگير هن دردناڪ آواز کان متاثر ٿيو.
شاهي خزاني جا ڪاغذ هڪ طرف رکيا ۽ محلا
نوڪرياڻيءَ کان پڇيو ته "ڇا ڳالهه آهي؟" نهايت د
۽ دلسوز آواز هو! نوڪرياڻيءَ با ادب عرض

ورتو ۽ شهنشاه عاليجاه قدم رنجه فرمائي هت آيا آهيو."
مظلوم بيوه عورت جو بيان ٻڌي شهنشاه جهانگير شوخ ٿي ويو ۽ نورجهان کي ڪاوڙ جي چيو، "نورجهان! مان دل و جان سان بيشڪ توسان محبت ڪريان ٿو، تو کانسواءِ هڪڙي ساعت به سال برابر ٿو ڀانيان ۽ هر وقت تنهنجي رهاڻ جو طالب آهيان، ليڪن انجي اها معنيٰ ڪونه آهي ته مان رعيت جي حق جي ڪا به پرواهه نه ڪريان ۽ تنهنجي نيڻن جي نشي ۾ غافل رهان. تو بيشڪ هن بيوه عورت تي ظلم ڪيو آهي مان تو لاءِ سڀڪجهه برداشت ڪري سگهان ٿو ليڪن مان تنهنجو ظلم معاف ڪري نٿو سگهان." نورجهان نهايت ناز انداز سان مرڪي چيو ته "ڇا توهان هن پوڙهيءَ جي خاطر مون تي مار ڪٽ ڪندا!" شهنشاه دلسوز آواز ۾ چيو "هي وقت ناز ۽ انداز، مشڪڻ ۽ مرڪڻ، گهورڻ ۽ گهائڻ جو نه آهي. توکي هڪدم حڪم ڏنو وڃي ٿو ته هن پوڙهيءَ عورت کان معافي وٺ ۽ هنجي دل خوش ڪر، ٻيءَ حالت ۾ توکي ڇهه مهينا قيد جي زندگي بسر ڪرڻي پوندي." اڏهين نورجهان کي هيئن ٿيو ته شهنشاه جهانگير جي انصاف جو معاملات اهڙي قدر ته مضبوط آهي جو هنکي (سندس لاءِ) محبت جو جادو ٽوڙي نه سگهندو. نورجهان، جهانگير جي دل نواز رائي ڪجهه وقت لاءِ خاموش رهي. سوچ ويچار کانپوءِ چيائين "مان هڪ بيهوده عورت کان معافي وٺڻ لاءِ تيار نه آهيان. اها

زياده ڪاڙهيٺي لڏهن ۽ گهر جي خرچ لاءِ ڪافي
لوڪ. لڳا ڪاڙهيٺي. عمدي علي وڃڻ ڪانپوءِ
پوڙهيو ڪرڻ شروع ڪيو. پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد
پيٽ پاليندي رهيس. اَن داتا! هاڻي مان پوڙه
ڪرڻ کان عاجز ۽ مجبور آهيان. منهنجا عضوا ڪمز
ٿي ويا آهن، ڪم ڪري نٿا سگهن. محنت مزدور
جي سلسلي نٿي وڃڻ ڪري ڪانسوا پيٽڻ جي اڪلي
شروع ٿي آهي. اڄ مونکي ۽ منهنجي اولاد کي ٽيه
فاقو آهي. اسانجي گهر جي ويجهو لوهاڻن شاهي محلا
جي خاص نوڪرياڻيءَ جي ابڙ رهي ٿي جا اسان ج
حال کان بخوبي واقف آهي. هن مونکي صلاح ڏني
مونکي بيگم نورجهان جي حضور ۾ حاضر ٿي پنهنج
مصيبت جو بيان ڪرڻ گهرجي. آءٌ بدنصيب هيءَ صلا
ٻڌي نهايت مشڪل سان هت اچي حاضر ٿي آهيان
مون پنهنجو بيان بيگم نورجهان اڳيان پيش ڪرڻ چاهي
ٿي ليڪن بيگم صاحبان مون ڏانهن اک کڻي به نه نهاريو
مان بک کان بيحال ۽ بي تاب هيس. منهنجي زبان مان
بي اختيار نڪري ويو: 'جو غريب تي رحم جي نظر
نٿو ڪري، الله تعاليٰ اُن تي رحم نٿو ڪري.' هي جملو
ٻُڌي بيگم نورجهان ناراض ٿي وئي ۽ محلات جي
نوڪرياڻيءَ کي حڪم ڏنائين ته مونکي ماريو وڃي. شاهي
فرمان موجب مونکي مارڻ شروع ڪيو ويو ۽ مون کان
دردناڪ آواز نڪري ويو جو شهنشاهه جهان پناهه ٻڌي

شري ايشوَر چندر جي قلم ۾ ڪيميا
جو اثر جنجهي ڏ وڏاءُ نہ ٿيندو. شري ست نارائڻ جي ڪٿا کي ڪٿب پوڄنا جو وسيلو بڻائڻ ڪا رواجي ڳالهہ نہ آهي. وري هن قسم جي طنز کي ساهتيہ جي ڀانڇي ۾ پلٽڻ ڪو هنڪان سگهي! 'اَٽل وشواس جي فيلسوفيءَ مٿان جيت'
(Philosophy fails where faith succeeds)
ساهتيہ جو سينگار بڻائي سوکيم رچناتمڪ فن جو ثبوت ڏنو اٿس. اَدبي نواڻ جي روپ رهڪا جو اُستاد جهڙو ٻڌوسين تهڙو ڏٺوسين! سنڌس جهڙي ٿي بہ اَنوکي نواڻ پيش ٿي ڀڪندي آهي. ڪافي وقت کان ساهتيہ جا گهڙا ڀري رهندو رهيو آهي. تہ پيش آهي سنڌس اَلوکي طنز
ست نارائڻ جي ڪٿا ۽ ڪٿب پوڄنا.

منهنجي ضمير ۽ منهنجي نفس جي توهين آهي. مان ڇهه مهينا قيد پوڻ لاءِ تيار آهيان.“ جهانگير هڪدم وزير اعظم کي گهرايو ۽ کيس حڪم ڪيو ويو ته ”سج لهڻ کان اڳ نورجهان کي قيد ۾ موڪليو وڃي.“ حڪم موجب نورجهان کي شاهي قلعي جي قيدخاني ۾ موڪليو ويو. قيدخاني ۾ ڇهه ڪلاڪ گذارڻ کانپوءِ نورجهان وزير اعظم جي صلاح سان پوڙهي عورت کان معافي وٺڻ منظور ڪئي ۽ قيد مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. قيد مان نڪرڻ کانپوءِ ملڪه معظم نورجهان ٻه هزار روپيه پوڙهيءَ کي ڏنا ۽ هن جي دل خوش ڪري هن کان پنهنجو قصور معاف ڪرايو. شهنشاهه جهانگير ۽ ملڪه معظم نورجهان کي صديون اڳ هن فاني دنيا مان گذر ڪري ويا آهن ليڪن 'جهانگير جو انصاف' ۽ 'نورجهان جي قيد' وارو قصو اڄ ويهين صديءَ جي آخر تائين به ياد آهي.

ليڪن حاضر ٿيو! اِئين ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿئي! ڏهاڙي صبوح شام، هو زال مڙس ديويءَ دَرِ ڏوهه بخشائيندا رهيا.. پر ڪو ڪڙ تيل ڪونه نڪتو. اُهي ئي لانئون، اُهي ئي ڇُڳهه.... سندن مالي حالت ۾ ڪو فرق نه پيو.... پروموشن نه پري رهيو ... هڪ اِسپيشل انڪريمينٽ به نه مليس. بس ويچارا سڀ ڏينهن جي اُميد لڳايو پيا ڏينهڙا ڪٽيندا هئا.

ڀڳوان جي ليلا ڏسو ڀڳتو!

هڪ ڏينهن بابو ڪشوري لعل جي زال ڀاڄي وٺي موٽي رهي هئي، جو هڪ گهر مان ڪيس آرتيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. آرتيءَ جي ٻڌڻ تي موهت ٿي ڪشوري لعل جي پتنيءَ جا قدم خود بخود اُن گهر ڏانهن وڌڻ لڳا. ٻاهر بيهي هوءَ چپ چاپ آرتي ٻڌندي رهي.

جيئن آرتي سماپت ٿي ته هوءَ ٿورو اندر لنگهي وئي. ڇرڻامرت ورهائيندڙ زال کان هن پڇيو- ”اَدي! توهان هيءَ ڪنهنجي آرتي ڪري رهيا هئا؟“

اُن زال چيو- ”هينئر هتي ستنارائڻ جي ڪٿا ٿي رهي هئي.

بابو ڪشوري لعل جي زال چيو- ”اِهو ستنارائڻ ڇا ٿيندو آهي؟“

اُن زال چيو- ”نارد منيءَ جي چوڻ اَنوسار هيءَ هڪ مهاپوتر اُپواس آهي، جنهنجو سرڳ ۾ چاهي مرتيولوڪ ۾ ملڻ مشڪل آهي. هن ورت رکڻ سان مڙس اَنيڪ

ستنارائڻ جي ڪٿا ۽ ڪٽنب پوجنا

ڪلجڳي ٻاٻي حاضرين کي چيو- "حاضرين!...... ۽ اڄ مان لوهاڻڪي هڪ اهڙي شخص جي ڪٿا ٿو ٻڌايان، جنهن ستنارائڻ جي ڪٿا ۾ درستي ڪئي ۽ کيس پروموشن ملي ويو ۽ هو ڪٽنب پوجنا جي آفيسري پد تي وڃي پهتو.

دهليءَ ٻالي هڪ وڏي شهر ۾ ڪشوري لعل ٻالي هڪ غريب ڪلارڪ رهندو هو. هنجي آمدني اهتري ۽ محدود هئي، جو اُن مجبان هو پنهنجي ماءُ، زال، ٽن ٻارن ۽ ٻن ڪنوارين ڀينرن جو گذران نه ڪري سگهندو هو. زال مڙس هڪ ٻئي سان دک سک جو حال اوريندا هئا ۽ دکي ٿي ڏاڍيءَ در پرارٿنا ڪندا هئا- "هي ڀڳوان! اسين پاپي آهيون.. نيچ آهيون.. هر انسان کان پاپ ٿي ويندو آهي. اسان کان ب ڪو پاپ ٿيو هوندو. پر هاڻي لو در لوڀ ڪئيسين ڪڏهن ب ڪو پاپ نه ڪنداسين.... هاڻي اسان کي هنن ڏکن سورن کان آجو ڪر....!"

جوٽس چيو - ”لوهان نه بس، اِها سامگري وٺي اچو ۽ پوءِ ستنارائڻ جي ڪرپا جو اثر ڏسندا رهجو.“

”پر هيتريءَ سامگريءَ لاءِ پئسا؟“

”ڏسو پتي ديو!.... هيءُ شڀ ڪم لوهانکي پوري شرڌا سان ڪرڻو پوندو. نه ته ستنارائڻ جي ورت جو اثر گهٽجي ويندو.“

بابو ڪشوري لعل چيو - ”ڏس پنڊت! شرڌا جي ڳالهه الڳ آهي. پئسا الڳ چيز آهي. مون وٽ نه ايترا پئسا ئي ڪونهن، جو هيڏي سامگري وٺي اچان.“

جوٽس چيو - ”اوڌر تي وٺي اچو.... پساريءَ کي صاف صاف چئجو ته ستنارائڻ جي ڪٿا ۽ اُپواس لاءِ هيءَ سامگري کپي. ستنارائڻ ڪلجڳ ۾ جاڳئي جاڳٽهار ۽ ڪرپالو آهي. اُن جي ڪٿا لاءِ سامگري نه ڏيڻ سندس لاءِ ئي خراب آهي.“

ڪشوريلعل چيو - ”پر سپاهي! جيترو مان اِن اوڌر واري ڪمن کان پري پيو ڀڄان، اوترو ئي لوڀ مونکي وڌيڪ اُن ۾ ڦاسائيندي ٿي وڃي!“

پر جوٽس مڃڻ هئي، پنهنجي ضد جي سامهون هن مڙس جي هڪ به هلڻ نه ڏني.

ايشور جي ليلا ڏسو، پڳتو!

پلي پساريءَ جي اوڌر ۾ واڌ ايندي رهي، پر هيءُ زال مڙس شرڌا ۽ وشواس سان ٻئي هٿ جوڙي، شيش جهڪائي ستنارائڻ جي پوڄا نيم انوسار ڪندا رهيا.

سک پدارٿ ڀوڳي موکش پراپت ڪري ٿو.”

اهو ٻڌي ڪشوري لعل ڪلارڪ جي زال بيحد خوش ٿي. چيائين، ”اڙي! اهو ورت ڪڏهن ۽ ڪيئن رکبو آهي؟ ڪرپا ڪري سولکي وستار پوروڪ ورڻن ڪري ٻڌاءِ.”

تڏهن انهيءَ زال کيس سڄو ورڻن ڪري ٻڌايو ته ڪيئن ۽ ڪڏهن ورت رکجي. ڪهڙي ڪهڙي سامگري ضروري آهي.

پوري ڄاڻ حاصل ڪري ڪشوري لعل جي زال گهر موٽي آئي.

رات جو جڏهن بابو ڪشوري لعل ٿڪل ٽٽل گهر پهتو، ته سندس شريمتيءَ سندس آرتي اُتاري. هو ويچارو حيران ٿي ويو.

عجب وچان هو جوءِ ڏانهن نهارڻ لڳو ته جوءِس چيو ”هي پتي ديو! هاڻي اسان جي ڏکن سورن جا ڏينهن سماپت ٿي ويندا.”

خوشيءَ وچان بابو ڪشوري لعل چيو- ”ڇو؟ ڇا ڪا لاٽري کلي آهي ڇا؟”

”نه!.....پر سمجهو ته هاڻي اسان جا ڪشٽ ختم ٿيا!”

بابو ڪشوري لعل جڏهن اچا ۽ عجب وچان جوءِ ڏانهن نهاريندو رهيو ته جوءِس هڪ لمبي فهرست ڪڍي سندس هٿ ۾ ڏني.

فهرست ڏسي ڪشوري لعل چيو- ”هيءَ ڇا آهي؟”

پڇيو! مالڪ جي مهما ڏسو. سنناراڻ سواميءَ بابو ڪشوريلعل جي وينتيءَ تي غور ڪيو.

اندر ويهڻ وقت، هن صفا واهيات جواب ڏنا. پر چاڪاڻ ته اندر ويهڻ وندڙ آفيسر ڏورو پيٽل هئو انڪري هو بابو ڪشوريلعل جي هر ردي سدي جواب تي واه واه ڪرڻ لڳو. اهو سڀ سنناراڻ سواميءَ جي مهما جو اثر هو.

ته پريميو! بابو ڪشوريلعل اُن عهدي لاءِ چونڊجي ويو. بس، پوءِ ڇا هو!

هيڊ ڪلارڪ ڪشوريلعل جو سنناراڻ ۾ وشواس تيهائين وڌي ويو. هاڻي ته هو روز نيم سان سنناراڻ جي مورت تي گل ڦل چاڙهي اگربتيون ٻاريندو هئو. سيڌي کي پرساد ورهائيندو هو.

جيتوڻيڪ اڳين ڪرڻ سان اڳڪل پندرهن روپين کن جو خرچ وڌي ويو هو، پر وڏي عهدي ملڻ سان سندس آمدنيءَ ۾ جو واڌارو ٿيو، اهو اُن خرچ کان گهڻو وڌيڪ هئو.

ته پڇيو! شرڌا ۽ سنناراڻ جي ورت جو ڦل ڏسو ته هڪ ڏينهن سرڪار ڪشوريلعل کي وڌيڪ ٽريننگ وٺڻ لاءِ ٻاهر روانو ڪيو. اُن وچ ۾ چار مهينا هو ٻاهر رهيو ۽ ڪٿا وغيره ڪري نه سگهيو. پر هر مهيني پورنماسيءَ جي ڏينهن ڪيس اها ڳالهه ڪٽڪندي رهي ته ڪٿي سنناراڻ سوامي اُنس ناراض نه ٿي پوي، ۽

اِئين ڪندي اڃا چار مهينا مس گذريا، جو بابو ڪشورلعل جي اِنڪريمينٽ ۾ هڪ روپئي جي واڌ ٿي ويئي. ٻئين سرڪار کيس ٽي روپيا ساليانِي واڌ ڏيندي هئي، اها هاڻي وڌي چار روپيا ٿي ويئي.

بابو ڪشورلعل ڏاڍو خوش ٿيو. ڪانئس وڏڪ خوشي لڪائي نٿي ٿي. ڀڻڪيائين، "ڏٺو ڏ! توهانجو پتا ٽه ٽي روپيا اِنڪريمينٽ وٺندي ٿي گذاري ويو. هاڻي هيءَ سنارالبا جي ورت جو ئي اثر آهي جو توهانجي پگهار ۾ هڪ رپئي جي واڌ ٿي آهي."

بابو ڪشورلعل حساب لڳائي ڏٺو ته گذريل چئن مهينن جي اپواس ۽ ڪٿا وغيره تي هن جا ويهه رپيا کن خرچ ٿي چڪا هئا.

ڏسو! اِئين وچارو ڪشورلعل، جيئن تيئن حياتيءَ جا ڏينهن ڪٽي رهيو هو، جو هڪ ڏينهن هن اخبار ۾ پڙهيو ته ڪسٽم کاتي ۾ هڪ هيڊ ڪلارڪ جي جڳهه خالي آهي.

لڳاهن سنارالبا جي مورت سامهون هٿ جوڙي بيهي گڏيا ۽ نمرتا وچان بابو ڪشورلعل چيو- "هي سوامي! مون هيترن ڏينهن کان توهانجي پوڄا ڪئي آهي. ورت اُپواس رکيا ڏينهن جا ڏينهن بکيو ڪاٽيو اٿم. اهڙي وڏي قربانيءَ جو هاڻي ته ڪو ڦل ڏي ڪرپالو! ڪسٽم کاتي ۾ اهو عهدو وٺي ڏي، دين دِيال!"

ڪتا جي چونپڙي هٿ ۾ وٺي بابو ڪشور لعل کيسي مان پين ڪڍي چونپڙيءَ ۾ ڪجهه ڪٽ سٽ ڪئي ۽ ٻه اکر ٻيا لکي ڪتا پنڊت کي موٽائي ڏني. ۽ پوءِ پنڊت کي چيائين، ”ها مهاراج! هيءَ پٽرا هاڻي وري پڙهو.“

پنڊت وري پڙهڻ لڳو- ”........ هي ورت ٽرت ئي ڦل ڏيڻ وارو ٿيندو. ورت رکڻ واري جون سڀ ڪامنائون پوريون ٿينديون. تن ۾ واڌارو ۽ محدود سنتان ٿيندس.“

ڏ ڀڳتو! اهي ٻڌي سڀ حاضرين حيران ٿي ويا، جڏهن پڌائون ته ڪتا ۾ 'سنتان ۾ واڌارو' بجاءِ هن 'محدود سنتان' لکيا هئا. جڏهن ڪشور لعل سيٺي کي حيرانيءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ڏٺو ته ڏاڍي ڏاڍي مرڪي چيائين- ”هاڻي اڃا ڪجهه ڏينهن اڳ ته ٽريننگ تان موٽيو آهيان. اتي اسان کي خاص هدايتون مليون ته عام جنتا کي محدود سنتان جي سک ۽ اهميت بابت سمجهايان... سو اِن ڪري ئي...!“

وارو ئي ڪانه لڳي. اها خبر جنگل جي باهه جيان ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي وئي. جڏهن سندس آفيسرن کي اها خبر پيئي ته انهن ڪشور لعل جي سروس شيٽ ۾ ڪريڊٽ اينٽري ڪري ڇڏي ۽ هن جي وڏي آفيسر هيٺيان لفظ لکي سندس سروس شيٽ سرڪار ڏانهن ڳتي وڌائي.

ڪيس هيڊ ڪلارڪ مان وري ڪلارڪ نه بڻائي ڇڏي.

جيئن تيئن ٽريننگ ختم ڪري هو واپس گهر موٽيو.

ٻيءَ پورنماسيءَ لاءِ هن ورت رکيو. جهجهو فروٽ وٺي آيو. سٺي ۾ سٺيون اگربتيون وٺي آيو. پوڄا جي لاءِ اعليٰ انسينس ملبل سڄو گيهه وٺي آيو.

پنڊت! ڪٿا شروع ٿي.

هيڊ ڪلارڪ ڪشورلعل اکيون پوري ڌاڙي شرڌا وچان ڪٿا ٻڌڻ لڳو ۽ ڪنڌ سان گڏ سڄي بدن کي لوڏي پيو جهومڻ لڳو.

اوچتو هڪ جملي تي اچي هنجي اک کلي پيئي. ڪنڌ ۽ بدن جو لڏڻ بند ٿي ويو.

هن ٻڌو، پنڊت پڙهي رهيو هو-

"سوت جي مهاراج پڇو نه ٻڌو! وشنو ڀڳوان نارد منيءَ کي پڇو نه ستنارائڻ جي ڪٿا مون لوڪن ٻڌائي. هيءُ ورت ڪرڻ تي فل ڏيڻ وارو ۽ انت ۾ ڪليجڳ جي ڪشٽن کان ڇوٽڪارو ڏيارينديون ۽ ونتڪ پهچائڻ وارو ليندو. ورت رکڻ واري جون سڀ ڪامنائون پوريون ٿينديون، ڌن ۽ سنتان ۾ واڌارو ٿيندس. هيءُ ورت رکڻ وارو ڏهن ئي سالن تائين سنسار جو سک ڀوڳي انت ۾ موکش پراپت ڪندو."

هيڊ ڪلارڪ ڪشورلعل، پنڊت کي وچ ۾ ئي روڪي پڇيو- "ترسو ترسو، مهاراج! هڪ منٽ اها ڪٿا مونکي ڏيو."

شري روپچند سپاهيملاڻيءَ دنيا
جي ماحول ۾ رهي ڪي شخصي آزمودا پرايا
آهن جن کان عام ڪي نيڪ روشن ڪرڻ جو
مقصد سندس موجوده قلم-بندي آهي. 'اوڌر
ڏيڻ' 'ديا ڪرڻ' ۽ 'اهنسا ڌارڻ' کان
انڪاري هرگز نه آهي **مگر ارٿ** جي انرٿ
کان پڙهندڙن کي ساوڌان ڪرڻ ۾ ئي پنهنجو
پرم ڌرم ٿو سمجهي. لکاوٽ ساهتيڪ نقط
نگاهه کان نه، پر سکيا جي مد نظر قلم-بند ڪئي
اٿس، ته پيش آهي اوهان اڳيان سندس انوکو
ليکہ **ارٿ جو انرٿ.**

هيڊ ڪلارڪ ڪشوري لعل هڪ تمام اهم ڪا

ڪيو آهي. اِها ته سيٺ کي خبر آهي ته، ته عام ج
جو ڌرمي ڳالهين ۾ انڌ وشواس هوندو آهي. ۽ ڌرمي ڪ
خواهه اهڙن ئي ڪتابن ۾ لکيل سکيائن تي ترت ع
ڪندا آهن ۽ هيڊ ڪلارڪ ڪشوريلعل عام جنتا ج
جي جذبات کي سمجهي ڌرم جي معرفت جيڪا ڪتد
نوجنا ڪالي جي سيوا ڪئي آهي سا اڻ وسرندڙ ۽ سا
جوڳي آهي. چنانچه مان اِن ڳالهه جي پنيرائي ٿو ڪر
ته شري ڪشوريلعل کي ڪتب نوجنا ڪالي ۾ هـ
آفيسر جي عهدي تي مقرر ڪيو وڃي.”

ڪلڪي ٻاني عاجزن کي چيو - ”ته ڀڳتو! توهـ
ڏٺو ته، ته ڪيئن سنسارين جي ڪتا ۾ درستي ڪر
بعد هڪ پراڻي معمولي ڪلارڪ مان هڪ وڏو آفيس
تي وڌو. سنسار جي مايا ئي نرالي آهي.

چڪو هاڻي تي ڪتا ٻئي دفعي ....”

هڪ پراڻو دوست وٽس لکي آيو. سندس چنتا جو ڪارڻ پڇيائين. نوجوان سموري حقيقت ٻڌائي جيس ته هُن کي عجب ۽ افسوس آهي ته پتا صاحب جو مون جا بگاڙيو هو جو هو مونکي برباد ڪرڻ لاءِ اهڙي صلاح ڏيئي ويو. نوجوان جي ڳالهه ٻڌي بزرگ ٿڌو ساهه ڀريو ۽ وراڻيائين ته پٽ تنهنجو سرڳواسي پتا ڪو تنهنجو دشمن ڪونه هو. هُو وڏو تجربيڪار هو. تو هن جي صلاح کي صحيح نه سمجهيو آهي اُن ڪري پاڻيهي پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي رهيو آهين. سرڳواسيءَ جو مطلب هو ته رقم اُڌاري ڏيڻ وقت اَڳلي کان اهڙي شيءِ گرويءَ ۾ وٺي رک جو هن کي خود چنتا ٿئي ۽ جلد ئي وياج سميت رقم موٽائي وڃي ۽ توکي رقم واپس گهرڻ جي ضرورت ئي نه پوي. سندس صلاح جو ڏوهه ناهي پر ڏوهه آهي تنهنجي غلط سمجهه جو. هينئر به ويل ويئي ڪانهي. باقي ڏِن جي عقل سان وار ڦير ڪر ته لهجا لهي ويندءِ. نوجوان ائين ڪيو ۽ ٿوريءَ ئي وقت ۾ تجوري وري ڀرجڻ لڳي.

مٿين درشٽانت جو حاصل مطلب آهي ته سنسار ۾ وقت بوقت ڪيئن مهاپرش لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ ڪين عمديون سکيائون پيئي ڏنيون آهن مگر ڪن ڪم عقل ماڻهن اُنهن جي اَرٿ جو اَنرٿ ڪري دنيا ۾ دک پرايو آهي. حضرت عيسيٰ مسيح فرمايو آهي: ”جي ڪو توکي ڳل تي چماٽ هڻي ته ٻيو ڳل اُن ڏانهن ڪر.“

آرٽ جو آنرٽ

اودر، هڪڙو هو ساهوڪار. وياج وٺي جو ڪ
ڪندو هو. مرڻ وقت پنهنجي سڪيلڌي پٽ کي چو
لکيو: ”پٽ منهنجي پنيان سمورو ڪاروبار توکي سنڀالڻ
آهي. هڪ صلاح ڏيان ٿو. اُن موجب هلندين ته ڏ
۽ ڏسندين ڪنهن کي به رقم اڌاري ڏين ته ڪانٽر
واپس وٺڻ ڪاهن نه وڃج. پوءِ هو پاڻهي رقم موٽائي
وڃي.“ پٽ ها ڪئي.

پيءُ جي مرڻ بعد هن ڪاروبار سنڀاليو. وڏيون رقمون
اڌاريون ڏيندو. سڀني کي ائين چوندو هو ته رقم واپس
کڻڻ لاءِ آءٌ توهان وٽ نه ايندس. توهين پاڻهي واپس
ڏيئي وڃجو. ماڻهو خوش ٿي رقم وٺي ويندا هئا پر
واپس ڪرڻ جو نيو پلو. پر ورهين ۾ نوجوان سيٺ
ڏٺو ته کوڙي وڃي ٿي خالي ٿيندي پر رقم موٽائڻ
جو ڪو نالو نه ٿو وٺي. ڏاڍو ششدر ٿيو ته بابي صاحب
صلاح ڪهڙي ڏني. هن نمولي ته جلد ئي ڪري وڃي
لوڻ پر پوندس. ڏاڍي پڇتيءَ ۾ وٺو هو ته پڇس جو

ٿي دَيا ڪري ڪيس ڇڏي نه ڏني ها ته نه پاڻ برباد ٿئي ها ۽ نه ديش کي برباد ڪري ها. سندس انهيءَ غلطيءَ جي سزا سڄي هندو قوم کي ڪيڏي نه ڀوڳڻي پيئي آهي!

اهنسا، پرم ڌرم آهي. ڪهڙو نه اوچ آدرش آهي. ليڪن اهنسا سچ پچ ڇا کي ٿو چئجي؟ جيڪڏهن ڏسو ته هڪ ڪاريهر نانگ ڪنهن مڙهي ۾ گهري رهيو آهي ۽ امڪان آهي ته ڪنهن نه ڪنهن کي ڏنگي سندس جان وٺندو، مگر توهين ڪيس نٿا ماريو ڇو ته اوهان ٻڌو آهي ته اهنسا پرم ڌرم آهي. ٿوري وقت ۾ ڏانهون ٿا ٻڌو ته اُن نانگ هڪ ماڻهوءَ کي ڪکي سندس جان ورتي. هاڻي ٻڌايو ته نانگ کي نه ماري اوهان اهنسا ڪئي يا هنسا؟ جيڪڏهن نانگ کي ماري ڇڏيو ها ته هڪ انسان جي قيمتي حياتي نه وڃي ها. نانگ کي ڇڏي ڏيڻ سان اوهان هنسا ڪئي. پاپ ڪيو. اُن کي اهنسا نه چئبو. انسان ذات جي شتروءَ کي نه مارڻ هنسا آهي ۽ نه اهنسا. اُن ڪري چين جي مهاپرش ڪنفيوشس پنهنجن شش کي آگاهه ڪيو ته 'اِئين نه ڪريو.' يعني ڪنهن به ڳالهه ۾ حد کان ٻاهر نه وڃو. ديا، اهنسا ۽ سچائي وغيره کي به انساني ڳڻ حد اندر هجي، تڏهن منش جو ڪلياڻ ٿيندو.

سنڌ جو مشهور صوفي درويش شاهه صاحب ايشور جي وڏائي ڪندي چوي ٿو:-

شروع ۾ يورپي لوڪ سندس سکيا جي اصليت کي
سمجهي نه سگهيا ۽ اڻجي پيا ۽ وڙهڻ جو معدو وجا
وٺنا. نتيجو اهو ٿيو جو اسلامي ديش آڏ يورپ ته
پنهنجو اڌڪار جمائي وٺنا. نيٺ جڏهن لوڪن کا
ان سکيا جي اصليت کي پروڙيائون تڏهن وچي سند
نڪ ڏور ٿيا ۽ ترس تي اِسلامي ديش جي حڪوم
۽ انهن يورپ مان دفع ڪيائون. اصليت اِها هئي
مبادا ڪو غلط ائر ٿيڻ اوهان تي وار ڪري ته هڪ
جوش ۾ اچڻ بدران اِنسانيت جي ناتي ان کي سند
غلطي محسوس ڪرائڻ لاءِ پنهنجو پيو گهل ان ڏانه
ڪجي. ان جي ڏسجي ته هو ساڳيو وچائي وري
ڏک هڻڻ لاءِ هٿ ٿو کڻي ته کيس اها سيکت ڏجي
آئينده ڪنهن کي ورائڻ.

دِيا، مول ڌرم آهي. اسان جي مهاپرشن ور
ڏني اسان کي اِها سکيا ڏني آهي. مگر ان
مطلب آهي ته ٻرلن، ڪمزور ۽ لاچار تي دِيا ڪجي. اِ
آهي سچي اِنسانيت. نه ته اِنسان ۽ حيوان ۾ فرق
ڪهڙو؟ مگر ڪن ماڻهن سمجهيو ته هڪ ٻري ۽ الياچاري
تي ٻه دِيا ڪرڻ مول ڌرم آهي. اِنهاس اهڙن مثا
سان ڀريل آهي جن مان ظاهر ٿو ٿئي ته دِيا جي ار
جو اثر ڪري ماڻهن نه رڳو پاڻ کي پر پنهنجي قو
کي به هاڃي رسائي آهي. پرٿوراج جڏهن محم
غوري جهڙي اَلياچاري ۽ ديش ۽ ڌرم جي شترو

شري هري ڪانت ساهتيه جي کيتر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس ادبي شروعات ڪهاڻين سان ٿي آهي، مگر نظم جي کيتر ۾ پڻ هنجون رچنائون سندس شخصي آزمودن جو ترجمو آهن. سندس ڪهاڻيءَ جي مهاڳ لکڻ ناٿي مون جڏهن سندس ڪهاڻيءَ جو مطالعو ڪيو ته ڪهاڻي پوري ٿي چڪي مگر سندس مراد ۽ مقصد کي پهچي نه سگهيس. خيال به ساڌارڻ، پر بيو دؤر به خالي ويو. لڪان سو لڪان ڇا؟ نيٺ ٽيون دؤر شروع ڪيم ته ساهتيه جي فنڪاريءَ جون چند جهلڪون دماغ جي تنگدلي سمجهه کي روشن ڪرڻ لڳيون. ساڌارڻ جي پنيان اساڌارڻ گهرائيءَ جو انڀؤ ٿيو. ڪٿيءَ پوريءَ جي ڪٿيءَ گلابيءَ سان نسبت ٻيهارڻ ڪنهن ماهر آرڪيٽيڪٽ جو ڪم آهي. حال، ماضي ۽ مستقبل جون پرولئون پڇي پيون ۽ ليکڪ جي منزل جون ماڻهون بادلن مان هاڻي صاف نسرڻ ۾ آيون. البت ڪي پهلو دماغ جي ڪوٺ ڪوٺان لاءِ رهجي ويا آهن. ته حاضر آهي اوهان اڳيان سندس بهترين پيشڪش ڪٿي.

چڱن سان چڱايون ائين سڀڪو هوءِ
لوچن ڪري نه ڪوءِ بڇن سان ڀلايون.

درويش جي ان عمدي ڏوهيڙي کي بگاڙي لنه
ڏنهن عڪ 'مهالما' مائهن کي اپديش ڪري رهيا
هو ته:—

'بڇڙي سان ڀلائي ته هرڪو ڪري
ڪرو ڪو بري سان ڀلائي ڪري'.

ڪاش! اهڙن ڍونگي مهالمائن سان ڪو تورو ٿي
بري هالت هاي. جيئن پنهنجي ويندو ته هو خو
پنهنجي اپديش تي عمل ڪن ته پا رڳو ٻين کي وعظ
ڪن. سچ ته اهڙا شخص سڀ 'مهالمايطو' ٻيائڻ لا
مهاپرشن جي وچن کي مروڙي ۽ انهن جو اُلٽو اَرٿ
ڪري مائهن کي گمراهه ۽ برباد ٿا ڪن. لوڪ وهنوا
اه شيخ سعدي اڃهو هيءِ نيڪ علاج ٿو ڏئي:—

با بدان بد باش - با نيڪان نڪو
جاءِ گل گل باش - جاءِ خار خار

يعني اون سان برو ٿيءُ ۽ نيڪ مائهن سان نيڪ ٿيءُ
گل جي جاءِ تي گل ٿيءُ مگر ڪنڊي جي جاءِ تي
لون به ڪنڊو ٿي پءُ. سچ ته لوڪ وهنوار جي اهائي
صحيح واٽ آهي.

ڪش ڪڍي دونهون اندر ئي ڳِهي وڃي ٿو. ڪيس کنگهه وٺي وڃي ٿي. ٻيڙي ڦٽي ڪرڻ بجاءِ هو اُن مان ٻيو ڪش هڻي ٿو. اکيون ڪان ئه زوردار. سندس ڇاتي ڌهلڙيءَ وانگر وڃي اُٿي ٿي. ليڪن هن کي اُنجي پرواه نه آهي. هن کي ڪنهنجي ئه پرواه نه آهي. ڪنهنجي ئه نه.

کنگهه سبب وات ۾ گلي ۾ ڪٺو ٿيل گند ٻاهر ٿوڪاريندي هو نفرت ڀري نوع ۾ ٻڙڪيو. حرامزادي.

حرامزادي ڀڄي ويئي آخر، هوُ سوچيو. ڀڄي ويئي ته وڃي پوي ڪڏهن. رهي وڃي پنهنجي يار سان. آسانکي ڪهڙو فرق پوندو! هوُن.... هوُ ڪلهي کي جهٽڪو ڏنيئو. ڪلهي تي ويٺل سندس پٽ ڇرڪ ڀري سندس وارن کي سوگهو جهليئو. ڪيس هلڪو سور محسوس ٿيئو. سور- ۽ سندس من ۾ ڪجهه تصويرون اڀري اَچن ٿيون....

.... راجستان جو هڪ ننڍڙو، غربت ڀريو، سانتيڪو ڳوٺ. لڳاتار ٽن سالن کان برسات ڪانه پيئي آهي. زمين سڪي ٽوٽ ٿي ويئي آهي. تلاءُ خالي ٿي ويا آهن. کوهه کٽي ويا آهن. ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي پنهنجو بچيل چوپايو مال ساڻ ڪري لڏي رهيا آهن. ڳليون سنسان ٿيڄي وئيون آهن. ڳوٺ ويران ٿي ويو آهي. ان ئي ويرانيءَ ۾ سندس ملاقات هن سان ٿيئي. هوءَ- صراحيءَ جهڙي گردن، ڍڪڻ جهڙي ڇاتي ۽ ڏٿي جهڙين اَکين واري هوءَ- جيڪا ڳوٺ جي ڪنڀار

ڪُتي

پولس چونڪيءَ مان ٻاهر نڪري هو فرهاد جي ڦلٽ واريءَ پٽيءَ تي سرسري نظر وجهي ٿو. ڪيس پڙهڻ ڪرڻ ايندو آهي. ليڪن پوءِ به هو انجي مضمون کي من ئي من ۾ پڙهي وڃي ٿو. پاڻ ئي ته لکيو اٿائين سڀ ڪجهه. جي.... جي.... ڪيس جڻ آٽ اچي وڃي ٿي ۽ هڪ وڏي ٽڪ ڦٽي ڪري دستاويز کي ٿهه ڪري ويڙهي قميص جي کيسي ۾ رکي ٿو.

گيٽ وٽ مٽيءَ سان رانڊ ڪندڙ پنهنجي ڪمزور ۽ اگهاڙي ٻچن کي ڪلهي لاءِ وهاري، رستي جو ساڄو پاسو وٺي هو سست سست چال هلڻ شروع ڪري ٿو.

گيٽ جي ٻاهران وٺيل: پوري رنگ جي ڪُتي جنهنکي هو پوري ڪري ڪونيندو آهي اها سندس قدمن جي آهٽ ٻڌي ٻت چڱي اٿي ڪڙي ٿيندي ۽ پڇ لوڏيندي چپ چاپ سندس پٺيان هلڻ لڳي ٿي.

ٿورو اڳيان هلي هو بيڙي دڪان تي ٿو ۽ هڪ لمبو

ڳلابيءَ کي هٿ ڪري فرهاديءَ جي حوالي ڪئي ويئي
۽ ڏوهارين کي قانون موجب جوڳي سزا ڏني ويئي ... .
غصي، ڏک ۽ نفرت وچان سندس اکيون لعل ۽
آليون ٿي ويون ٿيون. رڳون سيٽجي ويون ٿيون. نامراد
صرف هٿ اچي. ڪيس پٽس جي ڇهڪي مٿيءَ وانگر
ڪٿي ڳوهي نه ڇڏيان ته پيءُ جو پٽ ئي نه آهيان.
مادر..... هو وري ٽڪ ٽڪي ڪري بيڙي دکائيندو ۽
ماضيءَ ۾ کوهجي ويٺو.
.... ڪالونيءَ ۾ اسپتال جي عمارت ٺهي رهي آهي.
پارٽ ۽ هوءَ ٻئي اُتي ڪم ڪندا آهن. اُن ڏينهن مڇهند
جي چونيءَ ۾ سردارجيءَ واري ڪئنٽين پرسان جمونءَ
جي ورٽ هيٺان ماني کائيندي هوءَ اَڌ ۾ اُٿي کڙي
ٿيئي. هو ڪيس منٿون ڪري ويهاري ٿو. ڪئنٽين ۾
گرم گرم پڪوڙا ترجي رهيا آهن. هو پڪوڙن جي
سڳنڌ ڏانهن سندس ڌيان ڇڪائيندي انجام ڪريٿو ته
شام جو ڪيس پڪوڙا کارائيندو. ليڪن هوءَ نٿي سرچي.
ڪلاڪ کن اڳ جيڪا برسات پيئي هئي اُنجو پاڻي وڻ
جي پتن مان اَجا به ٽمي رهيو آهي. عمارت جي بنياد
مان نڪتل مٽيءَ جي ڍير مان اَجا به هڪ قسم جو هڳاءُ
اُڀي رهيو آهي. هڳاءُ- جيڪو ڪيس ڳوٺ جي ياد
ڏياري ٿو ڇڏي. اوچتو سندس اکين ۾ چمڪ اُڀي
ويئي. وڏي اُتساهه سان هنجي ويجهو رازدار انداز ۾
چويٿو ”ڳوٺ جي زميندار جي ڌيءُ جي شادي ياد آهي

جي اڪيلي ڌيءَ آهي ۽ ماءُ پيءُ جي مٺي پياري بلڪل
بي سهاري رهجي ويئي آهي. هو ڪيس سهارو ڏيندو.
هيڏي ڏکئي وقت ۾ ڪيس پڪ ۽ موت جي چنبي مان
بچائي دهليءَ وٺي آيو. ٻڌو آٿائين ته دهليءَ ۾ سوين
نيون ڪالونيون ٺهي رهيون آهن جن ۾ هزارين مڪان
اڏاوت هيٺ آهن ۽ ڪم اُلي ڪمين جي ٻنيان پوندو
آهي. ڪم جي اُولها ڪرڻي ڪانه پوندي آهي.

هلندي هلندي ڪيس ٿاڪ آيو. آلائي ڇا سوچي
هو کيسي مان فرهاد وارو ڪاغذ ڪڍيو. اُنکي کولي
ڏاڍي غور سان ڏسڻو. اِها خاطري ڪرڻ لاءِ ته
حوالدار رهڻو رهيو ڪا اهم ڳالهه وساري ته ڪانه ڇڏي
آهي. هو هن ئي ٽن ۾ اُنجي مضمون کي دهرائي ٿو.

..... فرهادي ننوارلعل ولد بدري پرساد اصل رهاڪو
راجستان ... هاڻ شهر جمنا پار مزدور بستي ... شڪايت
ڪرڻو ته سندس عورت مسمات گلابي، لڳاتار ٽن
ڏينهن کان لاپته آهي. لاپته ٿيڻ کان اڳ هوءَ جمنا پار
پُل نمبر ٻئي ونجهو ٺهندڙ نئي ڪالونيءَ ۾ اسڪول
واري عمارت لئي فرهاديءَ سان گڏ ڪم ڪندي هئي....
فرهاديءَ ڪيس آخرين دفعو چوٿون ڏينهن شام جو
اوورسيئر جي آفيس پرسان ڪانٽراڪٽر سان ڳالهائيندي
ڏٺو هئو .. فرهاديءَ کي شڪ آهي ته مسمات گلابيءَ
کي ڀڄائڻ ۽ ڀڄائڻ ۾ اوورسيئر ۽ ڪانٽراڪٽر ٻنهي
جو هٿ آهي ... فرهاديءَ جي استدعا آهي ته مسمات

پنهنجن بيشمار سوالن کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهندو آهي.
ڪيس سنڌس ايها رڪائي ڪانه وڻندي آهي.

وڏڻ کي هاڻ سنڌس ڪيترئون ئي ڳالهيون نه وڻنديون آهن ڪيس. اچا اُن ڏينهن جي ڳالهه آهي. اسڪول واري عمارت جي ٻئين ماڙي لاءِ سرون ڍوئي ڍوئي ٿڪجي، وڻ هيٺان مٽيءَ جي ڍير تي ويهي هن ٻيڙي مس دکائي هئي ته سالو اوورسيئر اچي پهتو هو ۽ ڪيس ”حرامخوري“ ڪرڻ لاءِ خوب ڏمال چاڙهي هئائين. وڏي ڳالهه نه هوءَ، جيڪا اوورسيئر جي سرن واري ڪچي آفيس ٻاهران، دريءَ هيٺان پيءِ کي ٽيڪ ڏيئي، اندران ٽرانزسٽر تي ايندڙ فلمي گانن جي فرمائش ٻڌي رهي هئي، اُنکي اکر ٻه ڪونه چيو ويو هئو. اُن ڏينهن گهر موٽي هن ڪيس خوب ڇينڀيو هئو. ڪيس سمجهايو هئائين ته عورت ذات کي گاني ٻڌائي جو شوق نه رکڻ گهرجي. گاني سان من چنچل ٿئي ٿو.... وغيره وغيره.... هن سنڌس وروڌ ڪيو هئو. ڪيس آڏا اُبتا جواب پڻ ڏنا هئائين جنهنتان غصي ۾ اچي هن ڪيس خوب مار ڏني هئي. ڪوڏر جي ٻن سان سنڌس هڏ گڏ ڀڳو هئائين. ايتري قدر جو هوءَ ٻه ڏينهن ڪم تي وڃي ڪانه سگهي هئي. ڪيس ڪيڏو نه پڇتاءُ ٿيو هئو. ليڪن هاڻ هو پڇتائي رهيو آهي ته مون رن تي رحم ڇو ڪاڏو هئو. حرامخور هئي ئي اُن جي لائق. هٿ اچي وڃي ته ڪوڏر سان سندس لاهي ڇڏيانس

ٿوڪي. سڀئي ڳوٺ کي دعوت ملي هئي. جئپور ۾ مان
راڻا ڏهاڙا هئا زميندار! ڇا نه ڪانو ناهيو هئو ڪمبخت!
ڇاڻ آهي لوڪي؟" هوءَ چپ آهي.

ليڪن هو سائنٽي انساهه سان ڪيس ريجهائڻ جي
ڪوشش جاري رکيئو. ٽڙون دال پاڻي ڇوڙمو نه ڇا
ناهيو هئو! سڀئي ڪيهه ۾ بذل ڪري ڪرم پائيون ....
هوءَ.... هوءَ.... هان.... هي ڪانءَ. هو روئيءَ جو ٽڪرو
سندس وات ۾ وجهندو ۽ هوءَ سڀن وانگر انڪي ڇپاڙڻ
شروع ڪري ٿي. سندس انساهه ڀڄو ٿي وڃيئو... لوڪي
خبر آهي ته ڪيترو ڪاڏو هئو اُن ڏينهن. خبر نه
موکي ته ڪاڻ آهي نه ڪيترو ڪاڏو هوءَ. صرف ايترو
ياد اٿم ته اُتان آئي موکي انٽي ڪراڻي پيٽي هئي ۽
ها، هوءَ ولندي آهي نه پنهنجو، انڪان ٽي ڏينهن
ڇوڙڻ وڃو جو هوءَ. بوت ۾ سالي ٽي ڏينهن بيگر
ڪراڻي هئي پنهنجي ڪيت ٽي.

ٽن ٽن... ٽن... لنچ ختم ٿيڻ جو گهنڊ وڄي ٿو.

.... دهلي، آئي ڪيس ٽي سال ٿي ويا آهن. ٽن سالن
۾ هن سولن مڪان جي اڏاوت ۾ حصو ورتو آهي. شام
جو ڏهاڙي ڪمائڻ بعد هن سان گڏ پنهنجي جهوپڙيءَ
ڏانهن موٽندي ڪيترن ٿي بنگلن ڏانهن هٿ کڻي هوءَ
چوندو آهي... ڏس... هي بنگلو به پاڻ ناهيو هئو نه...
۽ هوءَ صرف رکي ٽموٽي جواب ڏيندي آهي- بود يا....
هوءَ انتهائي غرور آهي، ليڪن اُن "بود يا" جي انيان

ڪيسي ۾ ويڙهيو پيو آهي. مستقبل؟ اُلڪي سندس اُتي ڪلهن تي وٺي ننڍ اچي وئي آهي. ۽ حال؟ اُن ۾ رکيو ئي ڇا آهي....!

پاري پاري قدمن سان هو جهوپڙيءَ ڏانهن وڌيو. ليڪن اندر پهچي هوُ سراپجي ويو. گلابي، ڪنڌ ۾ چلهه ٻاري دانگيءَ لي روئيون سيڪي رهي آهي. ڪيس ڏسندي ئي هوءَ حاڪماڻي نوع ۾ پڇيئي .... ڪيڏانهن ويو هئين صبوح سارُ ؟ هو ڪو جواب ڏئي نه ٿو سگهي. صرف وائڙن وانگر ڏانهس نهاريندو رهيو. هوءَ ڪڙڪ آواز ۾ چوئي ... ڪچين چو نه ٿو...؟ ٻڌاءِ... ڪيڏانهن ويو هئين....؟

جواب سوچيندي سندس ڌيان ڪيسي ڏانهن ويو. هو پنهنجي حالت هڪ چور جهڙي محسوس ڪري ٿو. اهڙو چور جيڪو چوري ڪندي سڃ سوڌو پڪڙيو ويو هجي. هو ڦڙتيءَ سان ڪيسي مان ڪاغذ ڪڍي اُن کي ٽڪريون ٽڪريون ڪري ٻاهر اُڇلي ٿو.

۽ هوا اُنهن کي اُڏائي ويئي.

جيڪر .. ڪُتي ڪنهن جاءِ جي ... آ .... تُو ....

اوچتو هڪ ٽرڪ شرڙاٽ ڪندي سنڌس ڀرسان لنگهي ويئي. هو ڇرڪ ڀري ٻنيان نهاري ٿو. پوري سلامت آهي. هوءَ ساڻس جو ساٿ ڪٽي ٿو. وچاري ڪيڏي نه ڏٻري ٿي ويئي آهي. ٽن ڏينهن کان ڪيس ڪجهه به کارائي نه سگهيو آهيان. ٽڪڙ ٻه ڇڏهتي پٽ! ڪيس محسوس ٿيندو ته ٽلابيءَ کان ڪُتي ڪرڻي سون ٽلابيءَ ٿي ته، ٻنهنجي پوريءَ کي گار ڏني آهي. ڪيس انسان هميشه ڏئي ٿيئي. ٽورو ٽرسي سنڌس ويجهو اچڻ ٿي هوءَ جهڪي سنڌس ٻنيءَ ٿي ٿپڪي هٿي پيار سان هٿرو ڏيماليندو. هاڻ هو ٿڪاوٽ محسوس ڪرڻ لڳو آهي. ساهون ٿي سنڌس جهوٽي آهي. ليڪن سنڌس مهم ٽڻ ٿي ٿا. ٻناءِ جي ٿني وٽ ٻهچي هو ٻيهي رهندو. اوڏي، جهڪا زمين ٿي ٻوس ٻوس ڪندي سنڌس ٻنيان اچي رهي آهي. اها اڃانڪ جهونڙيءَ ڏانهن موڙي ڏوڙڻ شروع ڪري ٿي، ۽ جهونڙيءَ وٽ ٻهچي ٻوڪڻ لڳي ٿي. ٻوڪڻ جو مطلب هو خوب سمجهيندو. ڪيس خبر آهي ته ڪتا، ٻنهنجي هواد اوپرن ٻنهي کي ڏسي ٻوڪندا آهن. ٻنهنجن سان ٻنهنجائي ڏيکارڻ لاءِ ۽ اوپرن کي ڀڄارڻ لاءِ. هن لاءِ ٻنهنجو ڪو آهي ٿي ڪونه. ۽ اوپرا! انهن مان ڪيس ڪهڙو ڊپ! وٽس وڃائڻ لاءِ آهي به ڇا! سنڌس مانءِ هڪ ٻني ٽڪريءَ ٿي لڪيل مرڳاد جي روپ ۾ سنڌس

سنڌين جو آئينده

اسان سنڌين سان ٻهوڏين وارو حال ٿيو آهي. پنهن جي جنم-ڀومي سنڌ ڇڏهن کان ڇڏي نڪتا آهيون تہ خانہ-بدوش ٿي پيا ڀٽڪون. نہ رهيا آهيون گهر جا نہ گهاٽ جا. جيڪو تہ غير سنڌي گهر کان رسي سو اچي ٿو اسان تي آر ڪندو! هندستان جي آزاديءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ سنڌين ڏني سنو. ائين چوڻ ۾ ڏرو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ اسان جي قربانين لئي ئي آزاد هندستان اڏيو. جتي غير سنڌين کي اسان جا پير ڌوئي پيئڻ کپندو هو اُتي اُهين انهن جي حسد، ساڙ ۽ لوٽ مار جا شڪار بڻيا آهيون. سنڌ مان لڏجي نڪرڻ بعد، جنهن کي جتي آيو، سڀ ئي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڪرجي وياسون. هند سرڪار ڪنهن هڪ هنڌ وسائي نہ سگهي. مگر وري بہ شاباس آهي اسان جي همت ۽ حوصلي کي جو پنهنجو پاڻ کي پنهنجي پرشارٿ سان وسائڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏياسون. مگر اڄ پڻ ٢٦ سال گذري چڪا آهن تہ

شري جهمٽمل ٽلواڻي سنڌي ۽ سنڌيت
جو پرچارڪ، جنهنکي سنڌين جي بهبوديءَ
جي چارئي پهر لڳن لڳل آهي ، تنهن سنڌين
جي وديا جو دائرو نه ايترو نه وسيع ڪري
ڇڏيو آهي جو آدرش گروپ آف ودياليه ڪي
سنڌين جي نه ڏڪري ڪاليج لائين ڪٽي ويو آهي
سنڌيت کي قائم رکڻ لاءِ هن صاحب ايترا لکه
جهڙجهٽ پنهنجي سر لڳي ڪيا آهن جن جو
ڳاڻو ئي ڪونهي . پريشانيون نه ڀريتي رهيون،
ولهر ڏسو نه پيو ٿلندو. انهن ڇيو وهندو آهي
نه ٿل ايشور ڪيس وڏي اورجا بخشي جو
سنڌين جي وديا جو وشال ڪارڻ سنڀاليندو
رهي ، باقي ڪالئس پڇاڻان سنڌي جاتيءَ جي
وديا جو ابترو پڪڙيل ڪارڻ ڪو مشڪل
سنڀالي سگهندو. ٿل ماءُ جڻي ڪو لال! ولهر
جو سنڌس سنڌيت پڙڪو ڳاڊو آهي نه سنڌين
جي مستقبل جي چورا ڳورا بـ ڪيس اڄي
لڳي آهي. نه پيش آهي اوهان اڳيان سنڌس
قابل غور ليک **سنڌين جو آئيندو.**

بن ٽن پيڙهين بعد شايد اسان جو نالو نيشان ئي صفح هستيءَ تان مِٽجي وڃي.

۽ سوال ٿو اُٿي ته ڇا ڪجي؟ ڪهڙي ڪوڏر هڻون جو سنڌين جو آئينده ڪنهن پڪي بنياد تي بيهاري سگهون؟ سڀ کان مکيه ڳالهه اها آهي ته اسين پاڻ ۾ گهڻي ۾ گهڻي انداز ۾ هڪٻئي جي ويجهو هجون، بلڪ گڏ هجون. ايتري قدر جو ٻيون جاتيون اهو سمجهي ۽ ڄاڻي سگهن ته هت به ڪا جاتي رهي ٿي جنهنکي پنهنجو نڪاڻو آهي، پنهنجي ٻولي آهي، پنهنجون ريتيون رسمون ۽ رواج آهن، پنهنجي سڀيتا ۽ سنسڪرتي آهي، جنهنکي پنهنجو آواز آهي، جنهنکي پنهنجن گهرجون ۽ ضرورتون آهن جي هنن کي پوريون ڪرڻيون آهن.

ٻئن ورتي سوال اُٿندو ته هندستان جي ڪهڙيءَ ايراضيءَ ۾ پکيڙ ۾ اسين پاڻ کي وسائي سگهنداسين؟ سياويڪ هندستان جو اُهو ئي حصو اسان لاءِ وڌيڪ موافق ۽ ڪارگر ثابت ٿيندو جنهن سان سنڌ ۾ رهندي اسان جا گهاٽا سنٻنڌ هئا. جن ماڻهن جي ٻولي ۽ سڀيتا اسان جي جاتيءَ سان ملندي جُلندي هئي. جن سان ڏنڌي ۽ واپار جي لاه وچڙ ۾ هئاسين. ۽ اُهي آهن ڪڇي ۽ گجراتي.

ورتي سوال اُٿندو ته هاڻي اسان جي روزگار جي اُٿي ڪهڙي گنجائش ٿيندي؟ تنهن جو جواب آهي ته

حالتون اهڙيون نازڪ بڻيا ٿيون جو سمجهه ۾ ئي نہ
اچي تہ سنڌين جو آئينده ڇا ؟

سياڻي سنڌي ڄاڻيءَ جو ڇا ٿيندو سا ڪنهن ک
ڪل ڪاڻهي جو حالتون ڏينهن بڏينهن بگڙنديون آهن. شخ
اڪثي تہ ڄولنيءَ کان ٻچي، ڪاڏو ڪيڏي ۽ پنه
آئينده ڏاهي بيهاريندا آهيون. ٻه هٿ تہ سوال آ
ساري سنڌي ڄاڻيءَ جو. سماج جي ڇني ڪير واچ
سماج جو هٿ ڪيڙي ڄولنيءَ کي ڏيکاريون ؟ س
جي سنگت جو ڪاڏو ڪير ڪيڏي ؟ جو آئين
اوجل بڻجي. ٽڙي بکڙي ويا آهيون، ايتري قدر
تہ رهيو آهي ڌرم تہ ڪرم، نہ رهي آهي مادري ٻ
۽ نہ وري سنڌي سنسڪرتي. سنگهٽ وري ا
آهيون جو ٻارڙا ۽ ٻنهنجا موجڙا تہ ڪمائي ڄاڻون ٿ
سنڌين جا موجڙا ۽ ٻيا ڪاڻون. جيڪو ٿو
کان رسي سو ائي سنڌين تي ڪاڏ ڪندو. سرڪار
اهڙي جو داد نہ فرياد! اڪر ٻؤسامڻ ٻيا ٿا ڪسجو

ٻي طرف ڏسبو تہ ڪمائي ۾ ڄاڻون تہ آڏائي
ڄاڻون. انڌي ٻولڏي ۾ ئي خوش. ڪڏهن انهن
سوچيو اٿون تہ اسانجو آئينده ڇا ٿيندو؟ زند
صرف ايسيتائين محدود نہ آهي. جيستين اسين ٻنهنج
سنڌڙيءَ جي اباڻي سيينا قائم نہ رکي آهي، ٻنهن
ٻوليءَ ۽ ساهتيہ جو وڪاس نہ ڪيو آهي ايستين ا
سنڌين جو آئينده ڏنڌلو ئي رهندو ۽ ڊپ اٿون

شري نارائڻداس ڀمڀاڻي سنڌيءَ جي
شائق مضمون - نويسن مان هڪ آهي. سندس
لکڻيءَ ۾ طرز نئي پنهنجي آهي. خودي ۽ خدا،
ذات ۽ صفات، انسان ۽ شيطان نه عرف سندس
رچنائن جا وشيه آهن ۽ ترقي - پسند درسي ڪتابن
جي ذخيري جي عمدي پيشڪش آهن. آزاد
نظم لئي ۾ قلم-آزمائي ڪئي اٿس ۽ ڪامياب
لکڻيداس آهي. ڌرمي فيلسوفي سندس رچنائن
جو بنياد آهي. سفيد لباس جو شوق. اديبن
جي ماحول جو ذوق، سندس اندر آتما جو
آواز آهي. لــ پيش آهي سندس مضمون
هوڏياوري.

کي ڏندو ۽ واپار اُتي ئي ڪري سگھندا. ڪيتري ٻار
۽ زميداري ئي ڪري ٿي جاڻون. جي پنهنجي ماضيءَ
نظر ڦيرائبي تہ سنڌي وديش ۾ سمنڊ ورقي ٿي ر
۽ ڏيساور ۾ وڻجارا. سنڌين گھر ٻار ۽ ڪٽنب س
جي زمين تي ئي قائم رهيا ۽ انهن ڪرڻ سان اس
جي سنڌ ۽ سنڌيت بہ قائم رهي. تنهڪري اسان ه
ڪٿي اسان جي هڪ هنڌ گڏجي رهڻ ۾ ٿيندي. اُ
ڪرڻ سان اسان کي پنهنجي ڳوٺ جا اسڪول ۽ وديا
هوندا، پنهنجي مادري ڀاشا ۽ ماڌيم هوندو، پنهنج
آرٽ ۽ سماجڪ وڪاس ڪرڻ جون سهوليتون هونديو
مٿيون مانيتون، شاديون مراديون پنهنجي اباڻي طر
سان ٿينديون رهنديون، ٻاهر سڪ پريم ۽ ڀادرتي
وڌندو رهندو ۽ ٻين ترقي-پسند جاتين وانگر وڪ اڳت
وڌائي سگھنداسون ۽ انهن ني پنهنجو آئينده اُوجل بڻائ
سگھبو. تنهن لاءِ اچو تہ اُدم ڪريون. جاڳرتا آڻيون
سرڪار کي سوريون، جو وقت وڃائڻ جو نہ آهي.

اچو تہ گڏجي اُدم ڪريون
جو وقت وڃڻ جو ناهي هي
مردار نہ بڻجي مرڻو آ
پر همت رکي ڪجھ ڪرڻو آ
۽ پنهنجي سنڌي جاتيءَ جو
آئينده اُوجل ڪرڻو آ.

مان ڇا ٿو چوڻ چاهيان؟

ڪوي دلگير چويٿو ته امر شڪتيءَ سان تون شڪتيوان آهين. پر هيءَ اَمر شڪتي اُها نه آهي جنهن جي اڌين ٿي ڪري دکايل چويٿو ته مان اڻ تارو ترڻ نه ڄاڻان، ڪر واهر لڳ ڄاڻ وساڻا. پر هيءَ پنهنجي عقل جي کيڏ سان چند رمان لئي پهچڻ واري شڪتي آهي جا پنهنجي قسمت جي ڪشتيبان پاڻ آهي. ته ڇئبو ته تون خودباوريءَ جو پتلو آهين.

ڇا! اهڙي ناد وڄائڻ وارا ناستڪ آهن؟ ائين برابر آهي ته ناهي جاءِ مياڻ ۾ ٻن ڪاتين سندي؛ هڪ خدا ۽ ٻي خودي. خودي ڇڏ ته خدا پسين. اهڙو درويش ۽ مهاپرش اُپديش ڏنو آهي. پر سوامي وويڪانند به ته مهاپرشن جي شمار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هوُ ناستڪ هو. پر هن مهاپرش ناستڪ شبد جي معنيٰ هڪ الڳ نوع ۾ ورنن ڪئي آهي. "ناستڪ اُهو نه جو ايشور جي شڪتيءَ ۾ وشواس نٿو ڪري. پر ناستڪ اُهو جو پنهنجيءَ هستيءَ ۾ وشواس نٿو رکي." مطلب ته زندگيءَ ۾ خدا ۽ خودباوريءَ جو ميل واه جو رنگ لائيٿو ۽ سنسار کي سرسبز سهاونو بوستان بڻائي ٿو.

ساڌو هيرانند به اهڙن درويشن جي شمار ۾ آهي. هن جو چوڻ آهي ته "حياتي نعمت آهي. حياتي ڪئين قسمن جي دکن هوندي به رهڻ لائق آهي. ڇاڪاڻ ته هن وسيع دنيا ۾ مون لاءِ ڪافي جڳهه آهي. مون

خودياوري

"اهو ئي ڪم ڪريان جو آءٌ آهيان" ڪم اهو
هو تنهنجي خاندان جي نشان جي سرسيءَ جو وَس
ٻڌي. رهڻي سا رهه جا رالول جي رمز سمجهائي. لو
انسان آهين. سو ته اسم عام آهي. انسانيت اسم ذا
آهي. عام ۾ رهي ڪري تون پنهنجي ذات جو ذ
ڪر. پنهنجي نيمن جي پالنا ڪر. انهيءَ ڏس
جيڪڏهن ڪمي پائي وئي ته مان توکي حيوان ڪ
چوندس. انسان جو ضد حيوان ڪونهي، پر شيطان. تنه
ڪري مان توکي هوند انسان جي صورت ۾ شيط
چوڻ ئي واجب سمجهان.

تنهنجي ذات جميل آهي ته تون مڙني مخلوق
مانُ آهين. انهيءَ دعويٰ کي هر دم داد ڏيڻو آهي
تنهن ڪارڻ حيوان کي نيچ نظر سان ڏسڻو نه آهي. آ
۽ اسم عام آهي. آدمي شبد پنهنجي سان هم جنس لا
آهي. ساهه پٽي کڻن ٿا. تڏهن ٻاقي تنهنجي ٻاري

ويڪ کي نہ لڀ.“ پلا لهي بہ ڪٿي سگهنديس. هو پاڻ ئي شاهد آهي ۽ پاڻ ئي منصف. ٻئي ڪان نہ ڏيون پاڻ بچائي سگهيندو. پر پنهنجو پاڻ ڪان لڪي ڪٿي لڪندين؟ نہ پوءِ يار! وقت ويل نہ وڃاءِ. پنهنجون شڪتيون بيڪار ۽ برباد نہ ڪر.

سو تون پنهنجي جڳهه هٿ ڪرڻ لاءِ سوڙهي خوديءَ ريءَ خوداوريءَ جو ساٿ ن سوڌي ڪرم ڪر. ياد رکہ تہ سچو ڪرم-يوگي هٺ-يوگي نہ آهي. هو پنهنجي ڪرمن تلوار جي ڌار تي وڪارن جي ڪٽ چڙهڻ نہ ڏيندو آهي. هنجي واٽ ۽ ويچار شڪتي هميشہ ڪومل هوندي آهي. وڏيڪ سرجيت بہ اهڙي انسان جو هوندو. پلا جنهنجي ويچار شڪتي ڪومل آهي انهيءَ جا ڪرم بہ تہ اوترو ئي ڪومل هوندا!

جنهجي ڪٿي نہ ويڪ، شيلتا ۽ خوداوريءَ جو ٻيو نالو آهي. خوداوري ۽ هنوار ۾ ڪچائي تہ پوءِ سرسي شيطان جي آهي. سا خودي ٿي. ۽ ياد رکہ شيطان جو قول آ خودي خود خوديءَ واري جي بہ يار نہ آهي. هڪ ڏينهن آڻي اهڙي اوڙاهہ ۾ هٽندس جو هن اڳ ڏنو ئي ڪونہ هوندو. پوءِ تہ الله ڪيڏن سگهي. تنهنڪري، خودي ڪيدي، خوداوريءَ جو ساٿ ن جتائي هن سنسار ۾ ڪيتر ۾ وشواس سان وار ڪر تہ تون پنهنجي ڀلي سان گڏ ٻين جو بہ ڀلو ڪري سگهندين.

کي رستو پنهنجي جڳهه هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪر
گهرجي." پورڻ ميل ڪاني، ٽال ۽ ٽال ملائي شاعر شيا
به چوڻو:-

"جڳ ۾ پنهنجي جاءِ سڃاڻ،
ڪوڙ ڄمڻ جو ڏانءُ ڏسي،
مسارڻ حيالي پنهنجو پاڻ،
دنيا ساري غل غوغان،
ڪوڙ لڪهجي، شيام رهاڻ".

پر هيءَ منزل اهو ٽپندو جو وشواس جي گهوڙي
تي سوار هوندو. جيڪڏهن لوڪي پاڻ ۾ وشواس نه هوندو
ته بيا ورتي لوڪ به وشواس ڪين ڪندا. لڏهن دلگير
جو چوڻ ڪٿر نه آهي ته:-

"ڪرباڻو پاڻ ۾ وشواس رکجي،
ڪرم جي تي ڪرباڻو آءُ مڃتي".

هوديءَ پرپو وشواس اوگڻ آهي- اهڙو وشواس
آخر ۾ خطا کارائيندو. پريوءَ پنو وشواس گڻ آهي. اهو
قوت بخشيندڙ آهي. پرپو ڪنهنجو؟ ڀڳوان جو. تنهن
کا روڪ نه آهي. پرپوُ ته پنهنجي ووڪ جو، اها ڳالهه
آسانيءَ سان سمجهه ۾ به اچي ٿي. انسانيت جي به اها
هڪ ئي ڇاپ آهي. درويش شاهه صاحب جي آيت
آهي ته "مفتي منجهه وهار ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين."
مفتي ۽ قاضي ڳالهه مڙئي ساڳي. تنهنجو ووڪ تنهنجو
ڀڳوان آهي. لڏهن ساڌو هيرالند چوڻو ته "تون پنهنجي

ساهتيه ۽ سماج

ساهتيه ۽ سماج جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبنڌ آهي. ساهتيه سماج کي ۽ سماج ساهتيه کي متاثر ڪري ٿـي. ساهتيه سماج جي جاڳرتا ۾ ساهه کڻي ٿو. ساهتيه سماج جـو اهو وستر آهي، جيڪو جنتا جي جيوَن جـي سک ۽ دک خوشي ۽ غم، ڪماليت ۽ زواليت جي ڳالهين پيٽي سان اُڻيو وڃي ٿو. منجهس انسان ذات جي ڌڙڪڻ معلوم ٿئي ٿي. اهو جنتا جي جيون جي وياکيا ڪري ٿـو. اهو ئي سبب آهي جو اُن جيوَن ڏيڻ جي طاقت اچي ٿي. هو انسان سڀني ئي زنده آهي، اُنهيءَ ڪري ئي اُهو انسان جي چوگرد ڦري ٿو. ساهتيه اُنهيءَ انسان جـي آزمودن، اُڌمن، ڀاونائن ۽ ڪلائن جـو ساڪيات روپ آهي.

اِنسان وري سماجڪ پراڻي آهي. جتي هو سماجڪ مسئلن، ويچارن ۽ ڀاونائن جو سرجڻهار آهـي. اُتي هو اُنهن کان خود به متاثر ٿئي ٿو. اُنهيءَ اثر جو چٽو روپ

شري ديپچند تلوڪچند ٻيساڻي
لکر-لوڪس آهي. جيتوڻيڪ ڪي سلوڪ ۽ بيت
پڻ لکيا اٿس. سادو جيون ۽ اونچ خيالات
نه ڪو هن کان سکي! سندس لکاوٽ درسي
ڪتابن جي ڍانچي جي آهي جن مان پڙهندڙن
کي ڪافي فيض پئي رسيو آهي. ڪو به
مضمون ڇيڙيندو ته اهڙي سلسلي ۾ نڀائيندو
جو سندس خيال ۽ ويچار آسانيءَ سان ياد ٿي
ويندا ۽ پڙهندڙ متاثر ٿي سائنس شامل راءِ ٿي
پوندا. سندس موجوده پيشڪش **ساهتيه ۽**
سماج جي گهاٽي سٻنڌ جي وڏي واڪي
گواهي آهي.

ساهتيہ سهڪار جو نشان

ساهتيہ (اَدب) جو ارٿ آهي، جيڪو هت (لاڀ) سهت (سميت) هجي. جنهن ساهتيہ سان جنتا جي ڀلائي نٿي ٿئي، اهو ساهتيہ ئي ڪين آهي. ٻوليءَ ذريعي ئي ساهتيہ لاڳيائڪ روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ٻولي سماج ۾ رهڻ سان ئي حاصل ٿئي ٿي. اُنهيءَ ذريعي مانوَ سماج ۾ سهڪار جي ڀاونا پيدا ٿئي ٿي. ساهتيہ اِنسان جي سماجڪ سنٻنڌن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ سموريءَ اِنسان ذات جو ڀلو شامل آهي. ساهتيہ ساهتيڪار (اديب) جي ڀاونا کي سماج ۾ ڦهلائي ٿو، جنهنڪري منجهس سماجڪ جيوَن خود بخود چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ساهتيہ جو اثر

سماج جي ترقي تڏهن ممڪن آهي، جڏهن اسان جو هردو وشال ٿئي ٿو ۽ ٻُڌي شد ٿئي ٿي. انهن ٻنهي ڪمن لاءِ ساهتيہ سڀ کان وڌيڪ اهڃاڻ ذريعو آهي. اهو اَسان جي ڀاونائن کي شد بڻائي ٿو. سٺي ساهتيہ سان ئي اسان جي دل وڏي ۽ من شد ٿئي ٿو. ساهتيہ سان اِنسان جو ڀاوناٿون ڪومل بڻجن ٿيون. اُنجي اَندر اِنسانيت جو وڪاس ٿئي ٿو، سيبيتا ۽ فضيلت اچي ٿي، جنهنڪري ٻين سان وهنوار ڪرڻ جي لائق پراپت ٿئي ٿي. اُنهيءَ سان سماج ۾ شانتي اچي ٿي ۽ وڪاس جو مارگ آسان بڻجي ٿو. اِنهيءَ ڪري سماج ۾ ساهتيہ

ساهتيہ آهي. انهيءَ ڪري ودوانن ساهتيہ کي ”سماج جو آئينو“ ڪري چيو آهي. ڪن ورتي چيو آهي تہ سماج ”ساهتيہ جو پاڇو“ آهي. مگر ڪي ساهتيہ پريمي انهيءَ پاڇي ۾ پنهنجي رسڪ صورت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڏسڻ نٿا چاهين! آهي ڪلا ڪلا لاءِ (فن برائي فن) ۾ وشواس رکن ٿا. ساهتيہ ۾ سونهن ڪانسواءِ ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ جو چترڻ لئي، انهيءَ جي هو مخالفت ڪن ٿا. هو انهن محسوس ڪن ٿا تہ ساهتيہ صرف انسان جي مورتين جو سانچو آهي، اُن ڪارگرنا ڳولڻ نہ گهرجي. ڪنهن ودوان ٺيڪ چيو آهي تہ جيڪڏهن اهڙا رسڪ ساهتيہ پريمي آئيني ۾ پنهنجو ئي پاڇو ڏسڻ چاهين ٿا تہ ٻين ساهتيہ جي وسعت بدلي ڇڏڻ کپي. پوءِ تہ انهن جون ڳالهيون ساهتيہ اهو آئينو آهي، جنهن ۾ سماج جي انهن خاص ماڻهن جي ئي صورت ڏسڻ ۾ اچي ٿي جيڪي دنيا کان دور نانڪا پيدا جي سنسار ۾ رهن ٿا. اهڙن عاشق جيڏن جهڙن دليرن اهڙيون ئي وهنون آهن، جو جنهن ڳالهہ سان دد ڪروڙن جي جنتا جي دل کي چوٽ لڳي ٿي، اها مٺي ڪوبہ اثر نٿي ڇڏي! سنڌ ڪومل دل نٿي ڪريءَ سان ايرنڊ بوٽن جيان هڪ نئين ساهتيہ جو جوش حاصل ڪري، ترقي ڪري ٿي. اهڙا ماڻهو جي فرمائين تہ ”ليکڪن کي جنتا کان دور رهڻ گهرجي“ نہ ٺيڪ آهي.

ساهتيڪار جو سنتيہ اسان جي زندگيءَ جو سنتيہ آهي ۽
اسان جي هردي ۽ ڀاونائن جو سنتيہ آهي، جنهنجي
ذريعي اسان هڪٻئي سان مليل آهيون. انهيءَ ڪري
سماجڪ اُنتيءَ ۾ ساهتيہ جي اُهميت سڀ کان اعليٰ
آهي.

اسان جي سماجڪ جيون جي پورنتا لاءِ شانتيءَ ۽
سهڪار جي ضرورت آهي. ڪنهنکي اک ڏيکاري
پوريءَ طرح وس ۾ ڪري نٿو سگهجي. فقط مٺڙ ۽
ڪومل واڻي ئي دل تي اَثر ڇڏي ٿي. اهو ڪم سندر
ساهتيہ دريعي چڱيءَ طرح ٿي سگهي ٿو. ساهتيہ جو مٺڙ
۽ ڪومل بيان ئي نهايت اَثرائتو ٿئي ٿو. پرٿويراج جي
ساهتيڪ خط مهاراڻا پرتاپ کي وري اَڪبر سان لڙائي
ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو هو. ڪمشوَ جي هڪ ڇند بيربل
کي خوش ڪري، راجا اِندرجيت سنگهہ تي ڪيل ڏنڊ
معاف ڪرائي ڇڏيو هو. بهاريءَ جي هڪ دوهي راجا
جئسنگهہ جو جيون بدلي ڇڏيو هو.

اسانجو مکيہ مددگار

اسان جي زندگيءَ جي اندروني واڌاري لاءِ بہ
ساهتيہ اسان جي اندر ۾ لاثاني آنند جي اُتپتي ڪري
ٿو. اَهڙيءَ طرح ساهتيہ اسان جي ٻاهرئين (سماجڪ) ۽
اندروني جيون تي اَثر ڇڏيندو رهي ٿو. زندگيءَ جي
پورنتا لاءِ ۽ اُن کي سندر، مٺڙ، رسيلو ۽ وشال بڻائڻ
لاءِ ساهتيہ ضروري آهي. انڪانسواءِ اسان جي مولهہ

جي اهميت آهي ٿي.

ساهتيہ ۽ سماجڪ اُنتي

اَج تائين مختلف تهذيبن ۽ سڀيتائن جو مکيہ مقصد ڪوشش انساني زندگيءَ کي ٺهڻي ۽ گهڻو سندر آنند وارو بڻائڻ جو رهيو آهي. سائنس سدائين ڪوشش ٿي ڪئي آهي تہ اها انسان کي محنت جي بار کان ڇڏائي ۽ گهڻو آجو ڪري، ڪيس بدني آرام بخشي. راجنيتي سماج کي آرٿڪ ايڪتا جي ڌاڳي ۾ ٻڌڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳل آهي ۽ فيلسوفي روحاني اصولن جي کوج ۽ ڦهلاءَ ذريعي انسان کي ايڪتا جي ٻانڌ ٻڌائڻ جو اُدم ڪندي آئي آهي ۽ ڪري رهي آهي پر انهن جو اِهو ڪم ساهتيڪار جي سهائتا کانسواءِ پورو ٿي نٿو سگهي. سماج لاءِ جسماني آرام بہ اوترو ئي ضروري آهي، جيترو فيلسوفيءَ جي اصولن جو، پر اهو سڀ ڪان تڏهن انهيءَ سڀ ۽ سونهن کي پراپت ڪرڻ ۽ انجو استعمال ڪرڻ چاهي ٿو، جو انکي زندگي جي هر حالت ۾ اُمنگ ڏئي، اڳتي وڌڻ جي پريرڻا ڏئي ٿو. ساهتيڪار جڏهن انهن جسماني سهوليتن ۽ فيلسوفيءَ جي اصولن کي سنائي رنگ سان پيش ڪري ٿو، تہ تڏهن انسان جي من ۾ اُن ڏانهن پريم ۽ ڀُلر ڀاونا پيدا ٿئي ٿي. اِنهن ٽيڻ لئي ئي انسان جي من ۾ ليبح، ٻانهن ۾ بل چهري تي خوشي، هردي ۾ اُتساهہ ۽ پريم، ٻڌيءَ ۾ ووهڪ ۽ آتما ۾ آنند ۽ خوشيءَ جو وهڪرو ٿئي ٿو.

جو اُنگ ٿيندو، اُنهيءَ سماج جا ئي هو چٽ چٽي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو انهيءَ چٽڻ ۾ سماج جي سڌار جي ڀاونا سبب هڪ آدرش جي استاپنا ڪري ٿو يا اُنجو هوبهو چٽڻ ڪري، فقط هڪ اشارو ڏيئي، اهڙي ھٿي وڃي ٿو، جيئن سماج اُنهيءَ چٽڻ لئي غور ڪرڻ لاءِ مجبور ٿئي. اُهڙا ساهتيڪار جڳہ جڳہ لائين عزت جي نظر سان ڏٺا وڃن ٿا. اِنهيءَ جي اُبتڙ ڪي ساهتيڪار اُهڙا به ٿيندا آهن، جيڪي سماج جا هوبهو چٽ چٽي، سجهاءَ يا آدرش پيش ڪرڻ ۾ اسمرٿ ٿين ٿا. سماج اهڙن ساهتيڪارن ڏانهن هڪ ٻيرو نظر وجهي، ڪين هميشه لاءِ ڀلجي وڃي ٿي.

ساهتيہ ۽ ڪلپنا

ساهتيہ ۾ ”ڪلا، ڪلا واسطي“ جي پيرائي ڪندڙ سماج يا جيون ۾ اُنجي ڪا ڳڻهه ڪانه ٿا ڏين. سندن عقيدو آهي تہ ساهتيہ اسان جي ڪلپنا جي ڪلواڙ آهي ائين آهي تہ ساهتيہ رومانڪ هجي يا يٿارٿ وادي، ترقي پسند هجي يا خيالي يا حقيقي پر ڪلپنا سڀني ۾ ڪجهه نہ ڪجهه ضرور رهي ٿي. پر اُها ڪلپنا صرف هوائي آذار وٺي، هوامحل جوڙي نٿي سگهي. ڪلپنا جو آذار به حقيقي جڳت ۽ سماج ٿيندو. ڪوي پنهنجي يڳ، پنهنجي سماج ۽ پنهنجي حالت جو ترسڪار ڪري، هوا ۾ هلي نٿو سگهي. ڪوبہ ساهتيڪار حقيقت کان منهن نٿو موڙي سگهي. سماج جا جيڪي مسئلا آهن،

جي مهل ساهتيہ اسان جي مدد ڪري، انهيءَ نااميدي
کي دور ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ساهتيہ مائٽن سمان اسا
جي پالنا ڪري ٿو، پتا سمان رکيا ۽ واڌارو ڪري ٿو
گروءَ سمان سکيا ڏئي ٿو، مترن وانگر راهہ ڏيکاري ٿو
پياريءَ سمان مڌر نمنهن جي ساڳيات مورلي پڄي
سامهون اچي ٿو.

ڪهڙو سنبنڌ

سماج ۽ ساهتيہ جو مٿي بيان ڪيل سنبنڌ اناديءَ
وقت کان هلندو اچي ٿو. والميڪ پنهنجي رامائڻ ۾ هڪ
آدرش سماجڪ انتظام جو چترڻ ڪري، پنهنجي نڪت
نظر موجب سماج جي الڳ الڳ پهلن جي چٽا چاڻ
ڪندي، اهو ثابت ڪيو تہ مانو سماج ڪهڙي مارگ
تي هلي، پورن سنتوش ۽ سک جو انڀو ڪري سگهي
ٿي. تلسيءَ بہ پنهنجي وقت جي سماجڪ حالتن جي
اثر هيٺ اچي رام راڄ ۽ رام پريوار کي هندو سماج
اڳيان آدرش جي صورت ۾ پيش ڪيو.

ساهتيڪار حقيقت ۾ سماج جي انتظام، فضا، ڌرم
ڪرم، رسم رواج خواہ سماجڪ اٿل پٿل، يا لوڪ
وهنوار مان ئي پنهنجي ساهتيہ جو سامان چونڊي ٿو ۽
انهن جو ورڻن پنهنجي آدرش موجب ئي ڪري ٿو.
ساهتيڪار انهيءَ سماج جو عڪس پيش ڪري ٿو جنهن ۾
جنم وٺي ٿو. انهيءَ ۾ ئي سنڌس بدني، دماغي ۽ مانسڪ
واڌارو بہ ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح ساهتيڪار جنهن سماج

آئرش آزاديءَ جي لڙائيءَ جي پنيان انهيءَ خلاف
انگلنڊ جي ڪن ساهتيڪارن جي لڪائي ڪوشش هئي.
الهن آئرش جاتيءَ ۾ اهڙي ساهتيہ جو ڦهلاءُ ڪيو،
جيڪو انهيءَ جاتيءَ جي قومي ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ
جي آدرش کي ناس ڪري، آئرلنڊ جي ماضيءَ کي
لنڊڻ جوڳو ثابت ڪري، سندن من ۾ حڪمران قوم لاءِ
عزت جا ڀاو ڀري! پر نہ آئرش ديش ڀڳتن جو انهيءَ
ڳالهہ ڏانهن ڌيان ويو ۽ هنن ساهتيہ ذريعي آئرش قوم
۾ نؤجيون آندو.

ڀارت ۾ بہ انگريزن ائين ئي ڪيو هو. **لارڊ مئڪالي**
جهڙن انگريز ساهتيڪارن ڀارت جي اتهاس، ٻوليءَ،
سنسڪرتيءَ ۽ ساهتيہ بابت ٻي بنياد ۽ واهيات ڳالهين
جو پرچار ڪري هندستانين جي دل ۾ ڀارت لاءِ ڌڪار
ا نيچ-نظر جو ٻج ڇٽيو ۽ انگريز، انگريزي ۽ انگريزيت
ءِ عزت جي اهڙي ڀاونا پيدا ڪئي هئي، جنهنڪان
سين آزاد ٿيڻ کان ٢٥ ورهين بعد بہ آزاد ڪين ٿي
ڪهيا آهيون! **نيتشي** وغيره فيلسوفن جا وچار، جرمن
رمن وغيره ۾ شڪتيءَ جي پوڄا ۽ پنهنجيءَ سينا جي
لائڻ جا ڀاو پيدا ڪيا هئا، جي ئي گذريل مهاڀاري
الن لاءِ جوابدار آهن. ولهہ ڳاٿا ڪال جي چارڻن جا
رشيلا ڇند پنهنجي مالڪن کي جوش ۾ آڻي، سدائين
ڌاڙ لاءِ ڀڙڪائيندا رهندا هئا.

انهن جي آڌار تي ئي ساهتيه جو نرماڻ ٿي سگهي
انهيءَ ڪري ساهتيه کي سماج کان الڳ نٿو ڏسي سگهج
ساهتيڪار سماج جو منهن ۽ مستڪ ٻئي ٿئي ٿو. سند
لڪار سماج جي لڪار ٿئي ٿي.

سماجڪ انتيءَ جو بنياد

اهڙيءَ طرح ساهتيه ۽ سماج سدائين هڪٻئي تي
ڇڏيندا رهن ٿا. ٻنهي ۾ ڏي وٺ ٿيندي رهي ٿي
جا سماجڪ انتيءَ جو مضبوط بنياد ٻڌجي ٿي. سنسار
هلنداءِ جيڪي لڏلپون ٿينديون آيون آهن سا انقلا
آيا آهن، انهن جي بنياد ۾ ڪا نه ڪا ويچار ڌارا مشغو
رهندي آئي آهي. انهيءَ ويچار ڌارا جو چترڻ ساه
ذريعي ٿئي ٿو، اهو ئي انسان جي گيان کي وڌائي
انسان کي حال ڏانهن ناراض بڻائي ٿو. فرانس ج
انقلاب جي بنياد ۾ والٽيئر ۽ روسو جا انقلابي ويچ
ڪم ڪري رهيا هئا. روسي انقلاب ۾ روسي ليکڪ
جي سخت ويچارن جو ئي نتيجو هو. ڀارت جي آزاديءَ جي
لڙائيءَ ۾ به آزاد ملڪن جي ويچار ڌارا جي زير اثـ
آجي ساهتيه وڏو پارٽ ادا ڪيو هو. اهو ڏيو ساهتي
جو سٺو اثر.

ساهتيه جو خراب استعمال

انهيءَ جي ابتڙ ڪجهه ساهتيڪار اهڙا به ٿيندا آهن ج
ٿيا آهن، جيڪي ٻيءَ قوم کي غلام بڻائڻ لاءِ انهي
تهذيب ۽ تمدن جي تمام خراب صورت چٽيندا آهن.

اسان پنهنجن وچارن کي قيمتي سمجهون ٿا، اُنهن تي اسان کي فخر ٿئي ٿو. شيڪسپيئر ۽ ملٽن تي انگريزن کي فخر آهي، والميڪ، ڪاليداس، سور، تلسي، شاهه ۽ ساميءَ تي اسان کي ناز آهي، ڇاڪاڻ ته سندن ساهتيه اسان کي هڪ سنسڪرتيءَ ۽ هڪ قوميت جي ڏاڳي ۾ ٻڌي ٿو. جهڙو اسان جو ساهتيه ٿئي ٿو، اُهڙيون ئي اسان جون منوورتيون ٿين ٿيون ۽ انهن پٽاندر اسان ڪم ڪرڻ لڳون ٿا. اهڙيءَ طرح ساهتيه اسان جي سماج جو صرف آئينو نه رهي، انجو سڌارڪ ۽ اُڌارڪ بڻجي ٿو.

ڪنهن به قوم، سمپردايه يا ڌرم جا جيڪي مٿا ۽ وچار ٿين ٿا، اُنهن پٽاندر انجي ساهتيه جي رچنا ٿئي ٿي. سماج ساهتيه جي نرماڻ جو باعث بڻجي ٿي ۽ ساهتيه پنهنجو نه مٽندڙ اثر سماج تي وجهندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح ساهتيه ۽ سماج جو سنٻنڌ اهڙو آهي، جنهنکي هڪٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهجي.

سک شانتيءَ جو پيغام ڏيندڙ

مگر ساهتيه جو سدائين خراب استعمال ڪيو ويو آهي. سنسار ۾ سدائين اهڙي ساهتيه جي ر
سرس ٿيندي آئي آهي، جو انساني زندگيءَ ۾ سک
۽ شانتيءَ جي پاوٽا پرپندو آيو آهي. **ڪبير ۽ تلسي**
جو ساهتيه انجو ثبوت آهي. رام چرت مانس (تلس
رامائڻ) ڪيترن نراس ۽ ڪاٺر دلين کي آٿت ڏيئي
ڪرم ڪتر ۾ لڳڻ لاءِ اتساهت ڪيو هو. **سمرٿ گر**
رامداس ۽ مهاراشٽري سنتن جي اپديش ۽ پوش
وغيره ڪرڻ جي اتساه ڏيندڙ رچنائن مهاراشٽر جي او
۾ ڪمتري نه مدد ڪئي هئي! **منشي پريم چن**
جي ساهتيه اسانجيءَ سياسي ۽ سماجڪ سجاڳيءَ جي ڏ
۾ ڪيترو نه ڪم ڪيو! **پرساد** جي تواريخي ناٽڪ
اسان جي دلين ۾ اسان جي شاندار ماضيءَ لاءِ فخر ج
پاوٽا پري، اسان کي پنهنجيءَ هلندڙ دين اوستا لي
ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. **شاه ۽ ساميءَ** جي رچنا
سنڌواسين کي مذهبي ڪٽرپڻي کان آجو ٿي روحا
امرت پيئڻ ۾ مدد ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح ساه
سماج تي جڳ جڳانترن کان اثر وجهندو پيو آهي

ساهتيه سماج جو آڌارڪ

ساهتيه اسان جي غير-ظاهر ڀاڱن کي چٽو ر
ڏيئي، اسان تي اثر ڇڏي ٿو. اسان جا پنهنجا و
تي ساهتيه جو ڏک چاڙهي، سماج جي رهبري ڪن

سيوهڻ شريف

اسانجي سنڌو ديش جي سڀيتا ڪهڙي نه مهان آهي! جڏهن سنسار جي ٻين ديشن، بلڪ ڀارت ورش جي ٻئي حصي ۾ مخلوق اگيان جي اونده ۾ ٿاڦوڙا پئي هڻيا لڏهن سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو سورج پنهنجي قوه جوانيءَ ۾ سنڌو ديش مٿان چمڪي رهيو هو ۽ اُن جا ڪرڻا ٻين ديشن جو خاص ڌيان ڇڪائي رهيا هئا. اِتهاس ٻڌائي ٿو ته ويد شاسترن جو پرڪاش به اسانجي پوتر سنڌوءَ جي ڪنارن تي ئي ٿيو. هتان جي آرين ساري جڳت کي پنهنجي گورو شالي سڀيتا جو سنديش ڏنو. روهڙي ۽ اروڙ، سيوهڻ ۽ لڪي، موهن ۽ ڪاهوءَ جا دڙا وغيره سنڌ جا پراچين استان آهن، مگر هت اسين اوهان جي غور لائق فقط سيوهڻ شريف جي پراچين اِتهاس ۽ سڀيتا جو مختصر ورنن ڪنداسين.

ڪوٽڙي - رڪ ريلوي لائين تي سنڌ جي هن پراچين اِتهاسڪ شهر جا ڪنڊهر اڄ به سندس اکوٽي اوج جي

ڊاڪٽر ٽمڪراج ٺڪر صاحب سنڌي ساهت پرٻمي، سوهڻي ٺڪرن جي آکه مان آهن، جي سنڌ جي اولار اڏيري لعل سائينءَ جي ونش جا داعويدار آهن. ڪافي عرصي بعد وري قلم هٿ ۾ کنيو اٿن. کين سنڌي ساهت سان ڪافي شوق ۽ شرڌا پي رهي آهي ۽ ادبي ميڙن ۽ محفلن ۾ تشريف فرمائيندا رهندا آهن. سنڌي ۽ سنڌيت جي لاءِ 'سوهڻا' هڪ اهم جڳه والاري ٿو ۽ سنڌ جي ڪهڙي سيوا ۾ پڻ اهم پارٽ ادا ڪيو اٿس. هن صاحب سنڌين جي اهڙي پولر آستان بسبت ڪي اهڙا چند مثال ڏنا آهن جي بيشڪ سنڌين جي فخر جو باعث آهن ۽ اسان مان ڪيترن کي، ممڪن آهي ته هڪ نئين روشني ملي. ته پيش آهي اوهان اڳيان سنڌن الهاسڪ ليک سوهڻا شريف.

نالو هو 'شِوُ آستان'. شهنشاهہ سڪندر اعظم جي زماني ۾ هن شهر جو نالو بدلجي 'سِو-بستان' يعني ٻيهن باغيچن وارو شهر ٿيو، جن مان مشهور لعل باغ اڄ به اُن حقيقت جو گواهہ آهي. رفتہ رفتہ زماني جي گردش ڪان آخر هن شهر جو نالو بدلجندو وڃي 'سيوهڻ' ٿيو جنهن نالي سان أي هن شهر کي سڃاتو وڃي ٿو.

اڳتي هلي ذڪر ڪبو تہ سيوهڻ جو ڪوٽ يعني قلعو سنڌ س پراچين سڀيتا جي دراز زبان آهي. شهر بلڪل هيٺ نديءَ جي ليول تي آهي، مگر ڪوٽ هڪ پهاڙيءَ جيان اونچو نظر اچي رهيو آهي ۽ سنڌ س دائري اندر هڪئي جي مٿان ڏيبل شهر جا ڪنڊهر اڄ به نمايان آهن. مڪانن جا زبون آثار، ٽائيون ٺليون ۽ ڪوُچا اڄ به پراچين گورو جي ساک ڀيا ڀرين. مهاڀارت جي زماني ۾ سيوهڻ جو ڪافي اوج هو ۽ سنڌ جي راجڌانيءَ جو رتبو حاصل هوس. اتهاس جي ڏهيرڻ ڪري جڏهن ڪونبو لئن سيوهڻ شهر جي مهانتا جا وڏيڪ مثال ملندا؛ ايتري قدر جو ڪورون جو پيٽوڙو راجا ڄئدرٿ جنهن مهاڀارتي يڌ ڪيتر ۾ ڪورون جو ساٿ ڏنو هو سو پڻ سيوهڻ جو ئي رهواسي هو. شهنشاهہ سڪندر اعظم پنهنجي سوين واري زماني ۾ سيوهڻ شريف جي ميدانن ۾ پڻ پنهنجي منزل هنئي هئي جتي قلندر لعل شهباز جي مشهور درگاهہ اڄ به اونچي ڳاٽ کڙي آهي، جتي سال به سال شاهي ميلا لڳندا آهن ۽ ايائي گهرن جي

ساکر پيا پيرين! پرڪرتيءَ جي طبعي نقط-نگاه کا
سيوهڻ هڪ فطرتي هندورو ٿي رهيو آهي جتي مانسڪ
۽ روحاني روڳن جا لاعلاج مريض اچي رحماني صدق
جي جهوٽن ۾ جهولندا هئا ۽ ڪين شفا حاصل ٿيندي
هئي. سندس هڪ طرف آهي جبلن جي شاهي قطا
۽ ٻئي طرف سنڌو ندي، جو نرمل جل؛ ٽئين طرف
آهن لڪيءَ جي مهان ليرٿ آستان جا خدائي چشما،
چوٿين طرف آهي منڇر جي سيتل ٻُنڊ. سيوهڻ ۽ لڪي
جو محل اهڙو ئي آهي جهڙو ٻاغ ۽ پيرڻ جو. ٻئي ليرٿ
استان ڪرتي ليکيا ويندا آهن جتي ڪنهن به ذات پات
جو ڀيد نه رهيو آهي. چا هندو چا مسلمان ڌرمي رنگ
۾ يڪسان رنگل رهيا ۽ منجهن ڪو به جاتي نفاق، حسد
۽ ساڙ عدم-پيدا هو. سڀ خدا ترس انسان ٿي وقت جي
لٽاڻا کي نباهيندا پئي رهيا.

اوهان کي ٻڌي عجب لڳندو ته اهي ٻئي شهر
حيدرآبادي عاملن ۽ ڀائيبندن جو اصلي وطن هئا، جي
ٻارنهين سنڌ جي ٻين شهرن کان وڌيڪ سيبه، ودوان
ترقي-پسند سڏائيندا آهن. خودآباد پڻ سيوهڻ شريف
جو اهو حصو آهي جتان جا رهواسي پاڻکي خدآبادي
عامل سڏائي اڄ سوڌو فخر ڪندا رهيا آهن.

پراچين ڪال جو ورق ورائبو ته معلوم ٿيندو ته
سيوهڻ شريف، شِوَ شنڪر مهاديو جي مندرن ۽ پوڄا جو
هڪ مرڪز هو، اهتري قدر جو ان وقت هن شهر ج

مندر پڻ هو. قلندر لعل شهباز جنهنجي مسلم جڳت ۾ اجمير جي خواجه صاحب کان گهٽ اهميت نه آهي تنهنجي درگاهه پڻ سيوهڻ شريف ۾ آهي جتي هر سال شاهي ميلا لڳندا آهن. مگر زماني جي گردش کان ڪابه دُنوي وستو يا عناصر نه اڄ بچي سگهيو آهي ۽ نه اڳتي بچي سگهندو. افسوس! جو سيوهڻ شريف پڻ اُن اڻ-ٽر گردش جو شڪار بڻجي اڄ هڪ سنسان کنڊهرن جو زبون پيڙ نظر اچي رهيو آهي مگر کنڊهرن جا پڙاڏا سنڌس ڳُنهيءَ اوُج جو ڪهاڻيون اڄ به وڏي واڪي سنسار کي ٻڌائي رهيا آهن پر سمجهوُ ڪي سمجهن!

خير جي دعا گهري وڃندي آهي. سمراٽ سڪندر اعظ
سيوهڻ ۾ راجا چندرڪ جي ٺل قلعي مٿان پنهنج
يادگار ۾ هڪ نئون قلعو اڏايو هو جو ان زماني ج
کنڊر ٿي اڄ زمين دوز ٿي ويو آهي.

مهاراجا وڪرماديتيه جي زماني ۾ ان سيوهڻ شهر پڻ
ڪماليت جي ڪري ئي ٻهتل هو؛ انهي ڪري ئي ج
آيورويد جو مشهور ودوان آچاريه واگڀٽ جو وڪرماد
جي نون رتنن مان هڪ لاثاني رتن هو سو ان سيوه
جو سپوت هو. سندس لکيل 'اشٽانگ هردي' انهو
جو هڪ پرمالڪ گرنٿ ليکيو ويندو آهي جنهنج
ماهرن ديش وديش پرسند آهي. مغلن جي زماني
ان سيوهڻ اهڃي نه پيو. مغل شهنشاه اڪبر جي نو
درٻاري رتنن مان ٻه رتن، مُلافيضي ۽ ابوالفضل
سيوهڻ شريف جو ئي اولاد هئا.

سيوهڻ اڄ بالڪل ڪير ۾ ان پٺتي نه پيو. تولڪ پير
فقيرن ۽ سادن سنتن جو هي شهر هندن ۽ ٻاهي مسلمان
جي شردا ۽ عقيدت جو مرڪز ٻي رهيو آهي. ج
اجمير ۾ هندن جو پشڪرراج ۽ مسلمانن جي درگاه شري
پوتر تيرٿ آستان آهن تئن سيوهڻ ۾ لڪيءَ جو تيرٿ
آهي. آخر ۾ اوهان کي ٻڌايان عجب لڳندو ته سيوهاڻ
ٺڪرن جي آکڙ جو آغاز سنڌ جي اوتار شروشٽي اڏيرو
لعل صاحب جي ونش مان ٿيو هو جي پڻ سيوهڻ ج
رهواسي هئا. هتي اڏيري لعل صاحب جو هڪ شاند

ٽوسان گڏ گهاريل هر رات،
منهنجي جيون لاءِ سوغات!

١- منهنجي هر رچنا جو روح،
ملڙي! تنهنجو نرمل پيار؛
سجڻي! تنهنجي سڪ جو ساءُ،
منهنجي گيتن جو سينگار؛
تنهنجون سارون، تنهنجي ٻات،
منهنجي جيون لاءِ سوغات!

٢- مرهم منهنجي زخمن لاءِ،
تنهنجي هٿ جو نرم ڇهاءُ؛
تنهنجي سڪ ڀريل من لاءِ،
پيچ پڌيءَ جو سيتل واءُ؛
ڳُنو ڳنو ڪي جا تنهنجي لات،
منهنجي جيون لاءِ سوغات!

٣- جسم ته پنهنجو فاني آهه،
ليڪن جسم نه آهي پريت؛
پيار ته آ نازڪ احساس،
امر پيار جو هرهڪ گيت؛
اڄ امر هيءَ منهنجي ذات،
منهنجي جيون لاءِ سوغات!

شري ڊولڻ راهي هڪ نوجوان شاعر آهي. ڪائنات جي نباتات ۽ حيوانات جي اُڀرڻ جو سلسلو اڳاڙين اڪين سان ڪنهن به نه ڏٺو هوندو. مگر 'راهي' صاحب جي شاعري ذات جي اُڀرڻ ۽ اسرڻ جو لاڙو سلسلو انهن دعويٰ سان ڏٺو آهي جن سندس نزديڪ رهي وقت جي رفتار سان سندس رچنائن جو اڀياس پڻ ڪيو آهي. جهڙا آهن سندس مٺڙا گيت لهڙي آهي انهن جي مٺڙي ٻولي! الموِل موتين جي جڙت جو ڪيس ونجهه چنجي نه وڌاءُ نه ٿيندو. جيون جي ساڌارڻ فرلم م، گهرائيءَ جي سمنڊ ڪي مڙهي، اوهان جي ادبي شناس ڪي سهڪار ٻو ائس. نه پيش آهن اوهان جي اڳيان سندس مڌر گيت ۽ غزل جهڙون لاءِ سوغات، جيون ڌارا ۽ پرزا پرزا.

آئينو ٿيو پُرزا پُرزا،
عڪس اسانجو ٽڪرا ٽڪرا!

١- ڇو نه اسان کان هن دنيا ۾،
رنگ ڏناسين ڪهڙا ڪهڙا!

٢- هر ڪو سورن لاءِ ساماڻو،
سور به ساريون ڪنهنجا ڪنهنجا!

٣- هر ڪنهن جي خود سان همدردي،
هر ڪنهن کي دک پنهنجا پنهنجا!

٤- پريت توهانجي بادل بادل،
روح اسانجو سحرا سحرا!

دل کي ڪوڙا دلبا ڏيندي،
گذري وئي عمر سموري!

١- ڪيئن دل کي آٿت ڏيندا،
سپنا ليڪ بہ سپنا ليکا؛
سچ ۽ سپنا ۾ آهي،
ڌرتيءَ ۽ آڀ جهڙي دوري!

٢- جيئن جيئن ساعت ڪَٽجي،
آس وڌي ۽ جيون گهٽجي؛
عمر سڄي پوري ٿي ويندي،
رهجي ويندي آس اڌوري!

٣- رلندي يا کلندي جيئڻو آ،
هر گردش جو وهه پيئڻو آ؛
آهه مرڻ جي معنيٰ مُڪتي،
جيون جو مطلب مجبوري!

٤- هن دنيا ۾ رهندي رهندي،
ڳالهين ۾ ئي ڳهندي ڳهندي،
سور ٻڌي پيا سڀ سڪ مون لاءِ،
سڀ ٻڌي ٻئي مون لاءِ سوري!

بچائي ديش جي عزت، اچي هي نوجوان آيا،
پساڻي جان جو جوهر لکو ليرو ڪمان آيا.

١- دليريءَ، ديش ڀڳتيءَ جو، شهادت جو، شجاعت جو،
ڪري خوش قسمتيءَ سان پاس مشڪل امتحان آيا.

٢- ويا جڏهين جتي هي جنگ جي بارات ۾ جوڌا،
پرڻجي سوڀ جي ڏُلهڻِ سدا ٿي شادمان آيا.

٣- ڏني خطري ۾ جڏهين ديش-پروانن شمع آزادي،
ملي يڪمشت ٿي مجنون، هِتان آيا، هُتان آيا.

٤- لڳو بس پير تي ڏونڪو، وساري فرق سڀ، ڊوڙي-
ڪرسچن، پارسي، سک، جين، هندو، مسلمان آيا.

٥- نه پنهنجن لئه رُنو، ليڪن پراون لئه لڙي ڇيڪي،
ڪري انسانيت جو نانءُ اوچو مهربان آيا.

٦- پڙوسي ديش جو گلشن ڪري ٻي-پيرُ ڪان آجو،
بڻائي بنگ-بندوءَ کي ئي تنهن جو باغبان آيا.

٧- جتي ظلم و ستم، بيداد جي هئي باهه ٻوداري،
اُها آتش اُجهائي اُت ڪري اَمن و اَمان آيا.

٨- ذليلن، ظالمن، قاتل لٽيرن ۽ ڪميڻن جو،
مٽائي صفحهِ-هستيءَ تان اَصل نام و نشان آيا.

٩- ڪيان تعريف ڪهڙي مان ڀلا ڪاتب جوانن جي،
لڳائي جان جي بازي بڻي جي ڪامران آيا.

شري قمتراءِ ڳر 'ڪالب' سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافي عرصي کان قدم رکيو آهي. هي صاحب انهن اديبن مان آهي جي پنهنجي شهرت جي ذرهن جي پرواهه نه ڪري، محض پنهنجي محدود دائري جي ورونهه خاطر پيا قلم آزمائيندا آهن. مگر ادبي ڪيترن منجهي اڄ سياست جو ميدان ٻٽجي پيو آهي جنهن ۾ عمرن اديبن جو ڳڻ شمار نٿي ڪونهي. سندس قلم-بند ويچارن ۾، ملڪ جي عزت، ذات پات جي پيڊ کان گهٽو متي آهي. انسان جي عثالي وصفن ۾ ذاتي ڪميءَ جي احساس سندس جذبات کي چيڙهيو آهي. نه پيش آهن اوهان جي اڳيان سندس ٻه اڻمول نظم **اجهي هي نوجوان آيا؛ چا ڪندو!**

٥- روشني سا ڪهڙي جا ميسر ڪري،
آدميءَ لئه خوشي، زندگي، روشني
پر جلائي سندس گهر ڪري ڀسم، سا-
برق جهڙي لڪي روشني ڇا ڪندو!

٦- ڪوبه سهڻو صنم، صرف دل ۾ نه ڇا،
ڪنهنجي نس نس اندر جي وڃي گهرُ ڪري
اهڙيءَ صورت ۾ سالڪ سچو ڪوبه، ڪنهن-
ٻئي خدا جي ڀلا بندگي ڇا ڪندو!

٧- ڪو ڀلي پاڻ کي ڪجهه به سمجهي ڪٽي،
زر جو مالڪ ڀلا طاقت جو ڏنها ڌڻي
پر نه پنهنجن جي خود جنهن ڪئي ياوري،
سو ٻين جي وري ياوري ڇا ڪندو!

٨- دل سندو آئينو، عڪس واپس ڪرڻو،
جڏهن هر بري ۽ چڱي فعل جو
پوءِ پاڻو ڪنگڻ آه جنهن ٻانهن ۾،
سو ڏسڻ لئه ڀلا آرسي ڇا ڪندو!

٩- آه يارت فقط جنهن سندي جسم ڀوُ،
پـــر نه خوُ - يارلي ۽ نـــه روُ - يارلي
۽ نه جنهن مان اچي بوءِ ڪا يارلي،
سو سڏائي ڀلا يارلي ڇا ڪندو!

١٠- شعر **ڪاتب** ڀلا ڇو نـــ موزون لکي،
ڪنهن به موضوع لي ڪيترو ئي لکي،
پر نه شعر و سخن جو هجي جت: قدر،
آت سڻائي ڀلا شاعري ڇا ڪندو!

دوستيءَ جي ملي موٽ جت دشمني،
ڪوبه سمجهو آهي دوستي ڇا ڪندو
موت کان وڌ هجي زندگي جت بري،
جيئرو اُت رهي آدمي ڇا ڪندو

١- قول هڪڙو ٻُهري ٻول سهسين ملن،
مشڪ پل جي ملي، آشڪ جيوت سڄي
صرف هڪڙي خوشي پر سون غم ملن،
ڪوبه اهڙي گهڙي کا خوشي ڇا ڪندو

٢- ڪوبه ڄاڻي نه سُرتال جو ڪو هنر،
جنهن نه ڳايو وڄايو ڪڏهن خود نه ڇا
پر نه جنهنجي وڏن راڳ جي رڳ ٻُڌي،
سو سڻائي ڀلا راڳڻي ڇا ڪندو

٣- ڪري گمراهه جي راهه، گمراهه ٿئي کان-
ٻڌي راهه ڇا لنهن ڪي ملندي ڪڏهن
اهڙي حالت ۾ رستي منجهيل دوست جي،
خود منجهيل دوست ٿي رهبري ڇا ڪندو

٤- اَٽو ميو اَن هجي اَڻکٽيو ڌن هجي،
ڇو نه دنيا جي هر عيش و عشرت هجي
پر ٻنا تندرستيءَ لونگر نه ڪو،
اهڙي ذلت ڀري زندگي ڇا ڪندو

١- ويران ٿي بستي آ، سنسان جهان آهي،
آواز نہ ٻڌجي ٿو، هيءَ ڪهڙو مڪان آهي.
٢- ڪيڏهن هي ٻڌائن ٿا، گلشن هو هتي ڪوئي،
پر وقت جي لهرن سان، مِٽجي ويو نشان آهي.
٣- خوشين جا خزانا ها، شيرين ڪي ترانا ها،
غائب ٿي ويا ڪيڏانهن، خاموش زبان آهي.
٤- هڪ هنڌ ڏٺم گڏجي، رستا هي اشارا ٿا،
طوفان ڪو تيزيءَ سان، گذري ويو هتان آهي.
٥- درياه جي روانيءَ ۾، رفتار هوا جي سان،
انسان وڃا ڏڪجي، لن جو هي بيان آهي.
٦- اونداهي مڪانن ۾، دهشت سان دٻيل تجلو،
هي نور ٿي نوراني، آيو سو ڪٿان آهي.
٧- ٻهرس ڪي ستائي ٿو، هي فڪر فنا هردم،
سمجهان ٿو اجا دل ۾، ڪو شڪ گمان آهي.

شري ناڪرام چوٿواڻي 'پرس'

وڪالت ڪندي ۽ شاعريءَ جو شوق رکي ٿو. عدالت ۾ قانوني مشغوليون هونديون، انهيءَ جي وچ ۾ وقت ڪڍي، جي ڪو ادبي نڪتو خيال ۾ اچي ته قلم ـ بند ڪري ڇڏيندو، وري پوءِ نه لکندو ئي. اردو شاعرن جي زير اثر سندس ڪلام ۾ جديد شاعريءَ جي ڪاميابي جو هڪ زنده مثال آهي. جديد رچنائن جي فيلسوفي جُهڪاءَ کي لوڪ پسند پاڻ ئي وڄهو پهچي سگهندا، جن جي لاءِ محض دوري، دماغ جو خلل ۽ ماٺائي آهي. هيٺ پيش آهن اوهان اڳيان سندس هڪ غزل رهسم ۽ چا ٿي چوي؟

شري روچو 'حرامي' اصل کان مذاقيه
شاعر آهي جنهن جو ٿالهي وڄهي ۽ چڪ ۾
ڪو مشڪل ليندو. گهڻير شاعرن جي مجلس
۾ جي مڃ لئي اچندو ۽ پنهنجي مزاقيه ادبي
ڪلاسان ٻڌندڙن کي کلائي کلائي جڏهن
پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندو. وزن جو پختو
۽ علم عروض جو ڄاڻو اديب آهي. ڪجهه
عرصي کان مذاقيه وارت ڇڏي ڪمرا گيت ۽
غزل پڻ لکيا اٿس جن جي جهڙي ڀاشا سولي
آهي تهڙي سندس شيلي ۽ مضمون. چندرمان
جي سونهن سندس وهچار ۾ انسان جي سهاڳ
جو ڳهڻو آهي. مگر سونهن جي وچ ۾ چنڊ جي
ڪاري داغ کي ادبي موڙ ڏئي اوهانجي
نازڪ احساس کي ڇيڙيو اٿس. ڏ پيش آهن
اوهان جي خدمت ۾ سندس ٻه غزل هوندو آ
۽ ڪمئن ٿي لڳي!

۱- گلشن جي هوا بادِ صبا ڇا ٿي چوي؟
ڪجھ غور ڪري ٻڌ تہ فضا ڇا ٿي چوي؟
۲- آواز اچي ٿو هي سريلو تہ ڪٿان،
سنگيت ۾ سرگم جي صدا ڇا ٿي چوي؟
۳- ٿو پرک ڪلا جي ڪو شناسي ئي ڪري،
احساس ڪري ڏس تہ ڪلا ڇا ٿي چوي؟
۴- قدرت جا نظر ۾ ٿا اچن رنگ نوان،
قدرت جي عجب شڪتي سَتا ڇا ٿي چوي؟
۵- تارن ۾ چمڪ، چنڊ جو آ نور عجب،
سورج ۾ لڪلي جي ادا ڇا ٿي چوي؟
۶- ڇا جي وفا، ڪنهنجي وفا، ڪهڙي وفا!
بيرس لون ٻڌاء تنهنجي وفا ڇا ٿي چوي؟



هڪ داغ ڪارو چنڊ ۾، صورت ڀلا ڪيئن ٿي لڳي!
ٿي ڪيل قدرت جو عجب، رب جي ڪلا ڪيئن ٿي لڳي!

١- هڪ چنڊ جو چهرو، وري اُن جي مٿان پئي چانڊني،
سهڻي ملڻ جي رات جو، هڪ مهلقا ڪيئن ٿي لڳي!

٢- مستيءَ، خماريءَ، پيار مان ڪيئن ٿي ڏئي انگڙائيون،
هڪ نازنين ۽ ٻي حسين، ناز و اَدا ڪيئن ٿي لڳي!

٣- موسم بهاري، باغ ۾ آيا پکي ڀرمي ڪٿان،
ديدار وارن کان پڇو باد- صبا ڪيئن ٿي لڳي!

٤- ”هن زندگيءَ ۾ پيار جون ايندئون نه هي هر هر گهڙيون!“
پريتم چيو، ”پڳلي نه ڏس، اڄ هيءَ فضا ڪيئن ٿي لڳي!“

٥- سچ، تڙپ ۾ ئي لطف آ ۽ درد ۾ آهي مزو،
بس، درد وارن کان پڇو، سڪ جي سزا ڪيئن ٿي لڳي!

٦- هيءَ رهت ناهي پيار جي، هڪ شوق آ شيطان جو،
پوتر محبت، سونهن جي هيءَ دردشا ڪيئن ٿي لڳي!

٧- انسان جي ٻي موڊ جو، دل، خيال جو ناهي پتو،
ڪڏهين هوا ڪيئن ٿي لڳي، ڪڏهين هوا ڪيئن ٿي لڳي!

٨- خوش قسمتيءَ جي ٿي اچي خوشبوءِ ڪري خوش آمديد،
جوابي خوشيءَ ۾ خوش دليا، رُت خوشنما ڪيئن ٿي لڳي!

١- سوالن ڇا نه ڇنڊ ۾ نه هوندي آ!
۽ وري سجهس ني داغ هوندو آ!
٢- ڪنهن غريب جي نه جهوپڙيءَ ۾ ني،
اڪثري لڪل چراغ هوندو آ!
٣- حسن تو ملي اجڙ نه بستيءَ ۾،
شهر کان پري ني باغ هوندو آ!
٤- ني نظر لڳي وڃي جو مڪڙيءَ کي،
قول کي ملبل ڏهاڳ هوندو آ!
٥- رات جنهن بهار جي ڏٺي نه ڪڏهن،
ڇا خبر، نه، ڇا سهاڳ هوندو آ!
٦- ڪيترو ڀلا هدا بچائيندو؟
سڄ کان اگر نياڳ هوندو آ!
٧- تو ڏلي ڏيا، مٽيا ڏٽي تنهن کي،
جنهن کي لواب، لماڳ هوندو آ!
٨- آهه هي غزل نه غم متانڻ لئه،
درد جي دوا نه راڳ هوندو آ!
٩- ني ملي نصيب سان ڪلا **هوائي**،
جنهن ۾ دل، لکن، دماغ هوندو آ!

گول گهمي ٿو گهاڻو،
هاءِ! ڏاند جان نر ٿيو آهي-
ٿهي ٿهي ويڳاڻو،
گول گهمي ٿو گهاڻو!

(١)

نئون زمانو هتڙو ايندو- ڪنهن ٿي چالو ڪو هيئن ٿيندو،
پيءُ ولي گهاڻي ۾ ڳهندو- پُٽَ ائڪتر ساماڻو،
گول گهمي ٿو گهاڻو!

(٢)

ناڻي کي نر نئو ڪمائي- حيلا ڪٽي هزار هلائي،
پر ناهي ٿو نر جي بدران- ناڻي کي اڄ ناڻو،
گول گهمي ٿو گهاڻو!

(٣)

سچ کي ڪوڙ دٻائي ويٺو- پنهنجو روپ جمائي ويٺو،
ڪاڻي کي منهن تي اڄ ڪوئي- ڪين چوي ٿو ڪاڻو،
گول گهمي ٿو گهاڻو!

(٤)

الٽي گنگا وهي رهي آ- وهندڙ ڌارا ڄڻي رهي آ،
هنس هليا ويا هِتان اڏامي- ڪانگن ڪيو نڪاڻو،
گول گهمي ٿو گهاڻو!

شري مرچومل 'سوني' هڪ مڃاتل ڪلاڪار آهي. مٿس جو مور ۽ شري شيوڪرام سونيءَ جو جوڙيدار آهي. ڪجهه عرصي کان شعر بہ لکيا اٿس. مگر تازو سندس ڪلامن جو مجموعو 'منهنجو ملڪ مليرُ' ڇپجي شايع ٿيو آهي جنهن مان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهندا تہ ڪلچرل اڪار جي بنيان هو هڪ پختو شاعر بہ آهي. سندس شعرن جي ڪمر جان ٿان سهڙي ۽ سوڙهي آهي پر چالي ٿيبن واڪري. ٿيبن زماني جي الٽي وهڪري جي ترا آشا مٿان فطرت جي مهر جي آشا جا بادل، سندس موجوده پيشڪش جو ذخيرو آهن. ٻولي سليس ۽ سلوڻي اٿس. لـ پيش آهن اوهان جي اڳيان سندس منڙا گيت:-

**گول گهمي ٿو گهاٽو ۽ وس وس او
بادل ڪارا.**

شري گووردن 'ڀارتي' سنڌي ادبي
خزاني جو هڪ لاثاني رتن آهي. ائين چوڻ
۾ ذرو به وڌاءُ نه ٿيندو ته هو مقبول
ساهتيڪارن جي سونهري مالها ۾ هڪ يگانو
آستان والاري ٿو. سندس قلم جي رواني
جهڙي آهي نثر ۾ تهڙي وري نظم ۾. شاعري
فنڪاريءَ ۾ ڪيس 'گيتن جو راجا' سڏجي ته
مناسب ٿيندو. سندس گيتن کي ادبي رنگ
۾ پڙهڻ سان، گلي جا مٺڙا سُرَ ۽ آلاپ
خود بخود ڇيڙيو پون ۽ رڳون ٿيو پون رباب.
خيالات جي وحدت ۾، ادبي استعارن جي
ڪثرت کي، ساهتيڪ نسبت ۾ بيهارڻ لءِ
ڪو ڪانئس سکي! موجوده پيشڪش ۾
دنوي عشق کي فطرتي نسبت ڏئي ادبي
بُلنديءَ جو نرماڻ ڪيو اٿس، گويا ادب جي
پاڪ سرزمين تي محبت جي ڇپر ٻڌي پنهنجي
ذات کي نچايو اٿس. ته پيش آهن اوهان
اڳيان سندس ٻه مٺڙا گيت، تڙڦن ٿا دل وارا
۽ ٿيءُ نه جدا.

وس وس او بادل ڪارا،
منهنجي ملڪ ۾ اچي وساءِ،
سهڻا سنڌا وسڪارا،
وس وس او بادل ڪارا!

(١)

ڏاڍي بکي ڌرتي ساري،
هر هنڌ هر ڪيڙيندا هاري،
اڀري ايندا ساوا ساوا،
ٽهڪندا سنگ سگهارا، وس وس او...

(٢)

ڇوڏاري هريالي ٽمندي،
هر مک ۾ سرهائي ايندي،
سٽيءَ ۾ ٻانئيندا ٻولي،
نڪتي جهانجهه ٻڪارا، وس وس او...

(٣)

ڪيتن ۾ لابارا پوندا،
اُن جا ڍير گهرن ۾ لڳندا،
مٽجي ويندي بک بيڪاري،
ڏکيا اڪ اُکهاڙا، وس وس او...



آهه رنگين جوان رات اڃا، ٿيءُ نه جدا!
دلربا! دُور آ پرڀات اڃا، ٿيءُ نه جدا!

۱- دل اڃا تنهنجا مٺا ٻول ٻُڌڻ ٿي چاهي،
روح پڻ تنهنجي رهاڻين جو ئي پياسو آهي،
ڪر محبت جي مڌر بات اڃا، ٿيءُ نه جدا!
دلربا! دور آ پرڀات اڃا، ٿيءُ نه جدا!

۲- چنڊ جي چور نظر مان ٿي ڇٽي چانڊوڪي،
تڙڦندڙ دل کي ٿي ڪيڏو نه وڻي چانڊوڪي،
ٿي وسي نُور جي برسات اڃا، ٿيءُ نه جدا!
دلربا! دور آ پرڀات اڃا، ٿيءُ نه جدا!

۳- پيءُ تون پيءُ پرين! جام مٿان جامُ ڀري،
آءُ نزديڪ ۽ نزديڪ، سجڻ ٿيءُ نه پري،
ماڻ تون سونهن جي سوغات، اڃا ٿيءُ نه جدا!
دلربا! دور آ پرڀات اڃا، ٿيءُ نه جدا!

۴- ڪجهه پهر مست نگاهن سان نگاهون ملنديون،
چپ چپن ساڻ ته ٻانهن ساڻ ٻانهون ملنديون،
پوري ٿي ناهه ملاقات اڃا، ٿيءُ نه جدا!
دلربا! دور آ پرڀات اڃا، ٿيءُ نه جدا!

ڇڻ ڪٽون ۽ ٿا جڏهين نظارا نينهن جا پيارا،
لڏهن لڙڪن ٿا دل وارا!

١- گهٽائون ساوڻي جنهن وقت آيون ٿيون امنگن جان،
وڄائي وڄ آلهن کي آ ٿي جڏهن دهلن ۽ چنگن جان،
وڻن مان ٿا اچن جڏهين هوا جا سرد شوڪارا،
لڏهن لڙڪن ٿا دل وارا!

٢- پٽاڙن ٿان جڏهن سانجهي لڪي ٿي رات جون راهون،
اچي ٿو چنڊ ڦهلائي جڏهن ڪرڻن سنديون ٻانهون،
جڏهن چلڪي ٿي ريگستان ۾ پٺي ڪير جي ڌارا،
لڏهن لڙڪن ٿا دل وارا!

٣- هوا ٿسڪي ٿي جڏهن ڏيکي ٿي لهر جي ٻولي،
جڏهن آڪاس جي جالي کُڻي ٿي رات چاندوڪي،
ٻهاري چنڊ ڏي سرمائڻن ٿا جنهن سمي لارا،
لڏهن لڙڪن ٿا دل وارا!

٤- ڏئي ٿي پؤنر ڪي لڻ من جڏهن مکڙي اڀائي ٿي،
لُٽائي حسن ۽ جوڀن، ڪِري ٿي نيٺ ساڻي ٿي،
ٻهارن ڪان جڏهن وڇڙي وڃن ٿا قول ويچارا،
لڏهن لڙڪن ٿا دل وارا!

١- نئين ڍُگ جو نرماڻ ڪرڻو پوندو،
پنهنجي بگڙيل تقدير کي سنوارڻو پوندو.
هر ڳالهه پراڻي صحيح آهي - ائين به نه آ،
هر رسم نئين غلط آهي - ائين به نه آ.
"نئين" ۽ "پراڻي" ۾ اتفاق ڪرڻو پوندو،
نئين ڍُگ جو نرمان ڪرڻو پوندو!
٢- ڏک ٿيندو اٿم جڏهن ٻڌندو آهيان-
"هيءَ دستور آهي، هيءَ قانون آهي."
بهانو بڻائي دستور جو،
۽ گلو گهٽڻ انسانيت جو نيڪ نه آ،
دستور آ انسان لاءِ نه انسان آ دستور لاءِ،
انهن حقيقتن کي ذهن-نشين ڪرڻو پوندو؛
نئين ڍُگ جو نرمان ڪرڻو پوندو!
٣- اسان اڪيلا آهيون، مجبور آهيون؛
اهو به هڪ عجيب بهانو آ.
ڇا اونده جي خلاف لڙڻ وارو سوريه هڪ نه آ؟
ڇا رام، ڪرشڻ ۽ مسيح اڪيلا نه هئا؟
ڇا گوتم ۽ گانڌي اڪيلا نه هئا؟
ڇا پرمهنس ۽ وويڪانند اڪيلا نه هئا؟
جي "ها" ته اڪيلائيءَ کان گهبرائڻ ڪهڙو؟
اسان کي آلم وشواس پيدا ڪرڻو پوندو،
نئين ڍُگ جو نرمان ڪرڻو پوندو!

شري رشي راج شرما آدرش ودياليه ۾ ڪامرس جو اڌياپڪ آهي. نئين يگ جو نرماڻ ڪرڻ سندس خيالات جي دائري جو هڪ انگ آهي. هو اهڙي نوين وشيه کي ادبي موڙ ڏيئي آزاد نظم جي سانچي ۾ ڍالڻ سندس انوکي فنڪاريءَ جو ثبوت آهي. نئين ۽ پراڻي يگ جي اتفاق مان هڪ نئين يگ جو نرماڻ ڪرڻ ڪو ٻاراڻو کيل نه آهي. آتم - وشواس جي اوسط ۾ وسيع کي مختصر ۾ ڳنڍايو اٿس. لڳ پيش آهي اوهان اڳيان سندس آزاد نظم **نئين يُگ جو نرماڻ.**

١- اَڄ مونسان توکي ڏيکاريان
اَنڌير جو ٻهري روپ به هي!
هي شهر اَٿيئي شمشانن جو-
برباديءَ جو، ويرانين جو،
جت بَمَ ٻرارين منجهه وسيا
واپارين لئي، لَرَ نارين لئي، ٻارن لئي،
۽ ويئي هاهاڪار مچي
ڇا واڪا، روڄن، راڙ مچي!
سي مائيٽا تو ماڳ ڏسين
ڪا ناهي جاءِ جهروڪن ۾.
جت ڪونڌر وٺا بي-ڏوهه مري
هر پهلوءَ کان ٿي باهه ٻري،
اُت سڀ وراڪن منجهه وسي
راڪاس ٻُڙاڏن منجهه رڙن
سنسان لڳي ٿو هر پهلو.
هي دين ڌرم جا ڪلڌهر ٿي
هِتِ مندر ها هُتِ مسجد هئي؛
هِتِ ساڌو سنت فقير هئا،
هُتِ مرشد ملان پير هئا؛
پر هاڻي ٿو اُت ڏُوپ جلي ۽ واس ڏُکي،-
اَڄ انسان جي لاشن جو
۽ ٻهري ڪارگذارين جو!

شري ولهچا 'زنده' هڪ پراڻو پرڙهه ادب آهي جنهنجي شعر ۽ شاعريءَ جو روح طبعي جوش ۽ خروش جو لاڳاپو بيٺو آهي. سندس شعر اُتي بهي پرڙهڻو پوندو لٽهن ۾ شڪ نه آهي. وليءَ پڙهڻ آهي شاعر جي جوالا-مُکي جذبات کي ٿڌو ڪرڻ ۽ ادبي-ڪلا سان بيي-انصافي ڪرڻ. واهـو معتدل ۾ سمجهي جڏهن شعر لکي ٿو نه سندس آڏام ۽ روانيءَ کي ڪير روڪي! زندگيءَ جي چڙهاءُ ۾ آزاد-نظم جو ورودي ٿي ادبي ڪيترو ۾ گهرلو، مگر زندگيءَ جي اُلار ۾ سندس آزاد-نظم جي پهراڻءَ ٿي پيشڪش اهو پڙڪو ڪاڏو جنهن سنڌي ادب ۾ کلبلي مچائي ڇڏي! نه پيش آهن اوهان اڳيان سندس وار ڪاندار پدڙ **بنگلا ديش جون تصويرون ۽ تمر-وير گرجنا** آزاد نظم جي بدش ۾.

(ل. ر.)

٣- هيءَ حال ڏسي بيحال نہ ٿي
هل اڳتي- ٽوڪي ڏيکاريان
آستان آهو حيوانن جو
مخصوص ۽ شيطانن جو،
جت خون ٿيو اخلاقن جو.
هو ڍير ڏسين ٿو ساڙهين جو
ڪن نارين الڳ اُگهاڙين جو.
هت ماڳ هئو ويچارين جو
۽ ياهياخان جي سئدا جي-
لک لعنت جي آڏ ڪارين جو.
هت سٺ اُٺيو ٽي نارين جو-
ڪنيائن جو-
ٻيواهن جو-
ويچارين جو!
پر هيءَ پڪ ياد رکي ڇڏ ٽون
نہ ڪنهن ڏينهن آه غريبن جي
نردوشن ۽ مظلومن جي،
ڪو قهر خدائي ٿي ڪرندي
جو ايندو انت قيامت ٿي
پوءِ شيطاني پرڪارن جو
۽ ڪُڪرمي ڦلهوارن جو
۽ دالڳيءَ سان مهن- ڪارن جو
۽ قهري ڪارگذارين جو!

٢- هل اڳتي- لوڪي ڏيکاريان
تصوير انهن معصومن جي، لاچارن ۽ اناٿن جي،
جن ٻارڙن ۾ ساهه ڇڏيو
بي - موت مرڻ وارا ٻڌو هي ۽
جن پيءُ، نه مٺڙي ماءُ ڏٺي
۽ جيون جي ڪا جوت ڏٺي.
وارا هوش اڏامي هر ڪنهن جا
دل ڏاريندڙ هي حال ڏسي.
هيءَ ڪوڪ ٻُڌي ڪمزور نه ٿي
پر ٻڌجي دل جهلي هل لون،
هو ٻار ڏسين ٿو لاش مٿان، جو روئي ۽ ٻاڏائي ٿو
ڪا اُن کي ٻڪ لڳي آهي،
جو جنجل جي لم ڳولي ٿو
۽ ڳولي هوش لئي ڏالي ٿو
پر لنج آ ٻاڙهو خون رڳو
ٿيو مکڙو اُن جو لهو لهو،
ڪيو خون جي ڌارا آهه
جا هُن جي ٻڪ نه لاهي ٿي
۽ ابهم کي ٿڙقائي ٿي، پنڪائي هن کي ماري ٿي،
ڪٿ امرت مان ٿي وِڪ وهي
۽ ڪٿ مڇهان ٿو خون وهي
اَڄ مائن جي لاشن جو
۽ ٿهري ڪارگذارين جو!

٥- اڙي! ڪيڏاهن وڃين؟
ڪجھ اُڪتي ٿيءُ -
ٻوءِ مُڙ ڪاٻي هن موڙ وٽان؛
گھبراءِ نہ پٺتي پير ڪري
پر پنھنجو هوش سنڀالي هل.
هو ڏي پر ڏسين ٿو دوريءَ تي؟
ڪُجھ سمجھين ٿو ھُت ڇا هوندو؟
هيءَ ڇا جي ٿي بدبوءِ اچي؟
نڪ ٻوٽ ڪٽي
ڪڙ وڪ وڏي، ڪجھ نڪتو ٿيءُ؛
پھچي وياسين -
بس، اجھو .... اجھو ....
هو ڍيرُ ڏسين ٿو لاشن جو
۽ ٻاهياخان جا وحشي روُپ
هوُ ڪتا، ڳجھون، باز، ھليون
جي چيري ڦاڙي چٻرن ٿا
هو خوني چنبن چھنبن سان
چم انسانن جي لاشن جو!
اِلھاس مِٽائي ڇا سگھندو
هي افسانو ارمانن جو!
خبيثن ۽ بدڪارن جو
دل ڏاريندڙ آزارن جو
۽ قهري ڪارگذارين جو!

٤- هَل اُٿي -

اَڃان نہ اُٿين ٿو ن
ڇا لاءِ نهارين ٿو ٻلهتي ؟
ڪجهہ کاٻي ساڄي خيال رکي
۽ ذري ذري چال چلي،
ڪٿ ٻمر سنڀالي لاشن مان
جئن لوڪر ڪنهن کي ڪنهن لڳي
جو ڏکي آلما ڪنهنجي اِي -
ڪا دانهن ڪري
فرياد ڪري
ڪا چيخ ڪري
ذاري نہ وجهي
ڪر آسمان جو سيدو لهي !
پر، هيءُ ٻط سمجهي ڇڏ هاڻي -
نہ هن آزاديءَ جي آلدولن
جي باز بهادر ولرن جا
۽ اَمر شهيدن شيرن جا
هي لانءُ ليشان مِسعالي ڪا
طاقت نہ قدرت جي سگهندي !
اُهڃاڻ اهي اَرمانن جا
۽ زور ظلم بيدادن جا
بر-ڪولن جي وسڪارن جا
۽ قهري ڪارگذارين جا !

٧- پر اڳتي ٻُڌُ تون غور ڪري
جو وقت وڃڻ جو ناهي هي؛
مردار نه بڻجي مرڻو آ
پر بدلو اَلياچارن جو
اڄ چڙهي چُڪائي وٺڻو آ.
دل ڏاڍي ڪر، ڪجهه ڪرڻو آ
۽ سورهيه ٿي اڄ لڙڻو آ
۽ ياهياخان جي ظلمن کي،
بس ختم ڪري ورڻو آ.
پر تيندو جلدي کيل ختم
هي حيواني فرمانن جو
مڪارن ۽ غدارن جو
جلادن ۽ جبارن جو
اِبليسن ۽ شيطانن جو
ياهيا جي ٽاناشاهين جو؛
پوءِ تيندي جِت حقدارن جي
رحمانن جي قربانين جي
قربانين جي پروانن جي
جو وقت اَچي ويو آ هاڻي-
بس ڪُتَنِ جي قتلامن جو
۽ قهري ڪارگذارين جو!

■ ■ ■

٦- اڙي! هي ڇا آهي؟ هوُ ڪير آهي؟
ڪٿهه لوس الي.
هو پاڳل ٿس ڪو پيو وڃي متان
ٽٻر ڏهاڪ نه جنهنکي آ پنهنجو؛
هن لانگهي انگ اگهاڙي ٿي
ڪو شرم حياءُ نه آ ڪنهنجو؛
لاشن جي خالي ٽڪرن کي اُٿلائي ۽ پُٿلائي ٿو،
۽ ڦولهي ڦولهي ٻچڙن جا
تو ڊوڙ ڏسي قَدُ بَتَ ڏسي؛
تو ڳولي ننڍڙن پيارن کي ۽ پنهنجي ٻي گهر وارن کي؛
پر ڪٿي سڄائي ماس پيا هي هڏيون ٻچڙا جسمن جا؛
آ ڪهڙي جنجل، ڪهڙو پي؟
آ ڪهڙو ٻنف ۽ ڪهڙي ڏي؟.
هن پاڳل جا... مستاني جا-
نا نهڪ روئي، ڳوڙها مڻڪن.
جت پاهه لڳي اٿ سيڪ اُچي
ڪو سمجهي هن جي حالت کي!
مان سمجهان ٿو هن جي دل کي
ڪا گهري چوٽ لڳي آهي
ڪن هيبتناڪ نظارن جي
ڪانڌار ٻنڊڙ آزارن جي
ياهيا جي نادرشاهين جي
۽ قهري ڪارگذارين جي!

٣- مان چوان ٿو
زهر قاتل ۾-
ٻڏل آ، نوڪ منهنجي.
۽ جسم؟
آهي جُڙيل فولاد جو؛
زندگيءَ جو اُلٽ آئيندي-
نه وڻوم ٿي لڳي؛
رفتار؟-
بجليءَ کان ٻه منهنجي تيز آ؛
۽ نشانو ڀي ڪڏهن-
خالي نه ويو؛
جي دخل غيرن ڏنو-
وچ اچي،
سي نه ويندا-
ٽُر ڇڪدا - چُور ٿي؛
جي گهرڻ ٿو
خير پنهنجي جان جو،
وقت سر
منهنجي اها للڪار آ،-
تون هٽي مون کان هليو وڃ دور ٿي،
ڇو ته مان نڪري چڪو آهيان- ڪمان مان تير ٿي،
فوج هند جو وار ٿي!

۱- مان جوان ٿو
تون هتان-
هڪدم هٽي وڃ؛
مونکي رستو ڏي وڃڻ جو
پنهنجي منزل ڏي رسڻ جو،
چال هڪڙي ٻي نه چلندءِ،
وقت سوچڻ جو نه آهي،
ڇو ته مان نڪري چڪو آهيان- ڪمان مان تيرُ ٿي،
فوج هند جو ولِر ٿي!

۲- مان جوان ٿو
هوڏ پنهنجيءَ تان سراسر-
تون لهي وڃ؛
ٻيءَ حالت ۾
ٻرو انجام ٿيندءِ؛
سِرُ سلامت-
ڪلهن تي تنهنجو نه رهندو،
تنهنجي سيني مان ٿي ويندس پار مان
ڇو ته مان نڪري چڪو آهيان- ڪمان مان تير ٿي،
فوج هند جو ولر ٿي!



شرڌانجلي..........

شري پارومل هيمنداس چاولا، سنڌي ساهتيه سڀا اجمير جا دائمي ميمبر هئا. مگر افسوس! جو ٢ اپريل ١٩٧٣ع ٥٥ ورهين جي عمر ۾ هن فاني دنيا مان اوچتو سرڳواس ٿي ويا. سڀاءَ جا حليم، ڪلمک، رلڻا ملڻا ۽ هڏڏوکي هئا. سماج جي ڪيترن ڪلياڻ-ڪاري ڪيترن ۾ ڪارج ڪري پاڻ کي امر ڪيائون. مگر پرڀوءَ جي ليلا نرالي آهي جو ڪوٽا نواسين کان اهڙو دانو ۽ محبوب دوست ايشور ائين اوچتو کسي ورتو. اسانجي سنڌن پريوار سان اهڙي مهاڀاري دک ۾ پورن همدردي آهي ۽ آشا اٿئون ته سرڳواسيءَ جا پويان سنڌن نقش قدمن ۾ هلي، انهنجي رهيل ڪارج جي سرانجامي ڪندا. پرڀوءَ در اهائي پرارٿنا اٿئون ته شل پرماتما سرڳواسيءَ جي پوتر آتما کي شانتي بخشي، پنهنجي چرنن ۾ جاءِ ڏي!

سنڌي ساهتيه سڀا، اجمير.

٤- مان ڇوان ٿو
مان سکيو ٿاهيان-
نهارڻ پونٽي.
۽ پٺڻ ساهي نه ڄاڻان مان وري؛
پنهنجي منزل کان، نه ڪرندس اورتي
۽ هٽڻ، هرگز نه ڄاڻان مان وري؛
ڇوته مان چڱڪي سڌو ڄاڻان، مگر
مان مُڙي نه ڄاڻان ڪنهن پاسي وري-
ڇرجي وهندين- نه هٽندين جي اڄان
ڇو نه مان نڪري ڇڪو آهيان- ڪمان مان تير ٿي،
فوج هند جو وِيرُ ٿي!

Printed by M. P. Raichandani at the
Asha Printers Hathi Bhata, Ajmer and
Published by M. R. Valecha Lit. Secretary on behalf of
Sindhi Sahitya Sabha, Ajmer.

Cover Printed at Sunder Printing Press Kaiserganj, Ajmer – Phone : **20668**